رساله فتحيه

[سنِ تصنيف: ۱۰۱۹ھ / 15-1616ع]

مصنف

غوث الصمد مخدوم فتح محمد صديقي قريشيؒ

سندي ادبي بورڈ

2011ع / 1432 ھ

www.maktabah.org

www.maktabah.org

رسالہ فتحیہ

www.maktabah.org

www.maktabah.org

رساله فتحيه

[سن تصنيف: ۱۰۱۹هـ / 15-1616ع]

مصنف:

غوث الصمد مخدوم **فتح محمد** صديقي قريشيؒ

ترجمو ۽ تخريج:

مولانا سعيد احمد پُٹو

نگران:

قاضي محمد شوڪت علي قريشي

تعارف، تحقيق ۽ نظرثاني:

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو، سنڌ

2011ع

www.maktabah.org

كتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو وٽ
محفوظ آهن

چاپو پهريون سال 2011ع تعداد هڪ هزار

هن كتاب جي كنهن به حصي كي، ناشر كان اڳواٽ حاصل كيل اجازت كانسواءِ، اليكٽرانك يا ٻئي كنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو كري سگهجي.

قيمت رپيا

(Price: 600-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ كتاب گهر
تلك چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ كتاب سيكريٽري سنڌي ادبي بورڊ ايليگينٽ پريس كراچيءَ مان ڇپائي پڌرو كيو.

www.maktabah.org

فهرست

پيش لفظ	- قاضي محمد شوكت علي قريشي	vii
ٻه اکر	- مخدوم جميل الزمان	xvii
رسالہ فتحيہ جو تعارف ۽ ان جو ماخذ	- ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو	xx
وضاحت	- ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو	xxxv
رسالہ فتحيہ ۽ آڳاٽا نايابسنڌي بيت	- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	xxvii

باب پهريون	فتح بابت توحيد	**1**
باب ٻيو	فتح بابت حق	**21**
باب ٽيون	فتح بابت حقيقت	**27**
باب چوٿون	فتح بابت حقيقت سلطان الانبياء ﷺ	**31**
باب پنجون	فتح بابت صحابہ ڪرام ۽ سندن فضيلت	**64**
باب ڇهون	فتح بابت معراج	**134**
باب ستون	فتح بابت نبوت ۽ ولايت	**177**
باب اٺون	فتح بابت ظاهري ۽ باطني حڪمران	**216**
باب نائون	فتح بابت مرشد ۽ مريد	**266**
باب ڏهون	فتح بابت مريد ٿيڻ جا شرط ۽ آداب	**315**
باب يارهون	فتح بابت مرشد جو مقام ۽ ان جا شرط	**323**
باب بارهون	فتح بابت مناقب نوحؑ	**384**
باب تيرهون	فتح بابت انسان	**464**

www.maktabah.org

باب چوڏهون فتح بابت محويت 519

باب پندرهون فتح بابت هستي، نيستي، وجود، عدم، بقا ۽ فنا 522

باب سورهون فتح بابت سلوڪ 535

باب سترهون فتح بابت معرفت نفس 539

باب ارڙهون فتح بابت حقيقت روح 564

باب اٽويهون فتح بابت عشق ۽ محبت 643

باب ويهون بعض لفظن جي معنيٰ جيڪا حافظ شيرازيؒ ۽ ٻين عارفن بيان ڪئي آهي. 666

تشريحي حوالا 677

متن ۾ آيل اسم خاص 723

متن ۾ آيل ڪتابن جا نالا 725

مددي ڪتاب 726

www.maktabah.org

پيش لفظ

اڪل ڏي چار سال ڏيندا جو اچانڪ استاد محترم حافظ ربڏنہ صاحبؒ (مجاور درگاھ شريف غوث الحق حضرت مخدوم نوح ھالائيؒ) جي اوطاق تي وڃڻ ٿيو. ذڪر ھلندي خبر پئي تہ سندن چاچي مفتي محمد شفيع مجاورؒ (جن جو ڪائنڪ ڪافي عرصي ڪان ذڪر ٻڌندا ھئاسين) جا بھترين ۽ نايابَ قلمي ۽ ڇپيل ڪتاب (جيڪي ان دور ۾ ھندستان ۽ ايران مان گھرايا ويا ھئا) جمع ٿيل آھن. انھن ڪتابن جي ڏسڻ جو موقعو ملي ويو. ڪافي وقت گذرڻ ڪانپوءِ آخوند صاحبان کي گذارش ڪئي وئي، جن ازراہ مھرباني اھي ڪتاب عنايت فرمايا، جن مان ڪافي سرمايو تہ ڳري سڙي ڇڪو ھو ۽ ڪجھ الحمدلله نايابَ شيون بچي ويون ھيون، جن مان رساله فتحيه بہ ھڪ ھو. رسالي جا پھريان ۽ پويان چار پنج اوراق غائب ھئا تاھر غنيمت سمجھي ان رسالي جو مطالعو ڪيو ويو، جيئن تہ ڪتاب نازڪ حالت ۾ ھو، انڪري فوراً ان جون بہ فوٽو ڪاپيون ڪرائي ھڪ ڪتبخاني لاءِ رکي وئي ۽ ھڪ ڪاپي ان فن جي ماھرن کي ڏيکارڻ لاءِ موڪلي وئي. حسنِ اتفاق سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن سان ملاقات ٿي ۽ کين اھو ڪتاب ڏيکاريو ويو جيڪو پاڻ انتھائي دلچسپيءَ سان ڏنائون. سندن دلچسپيءَ جو مزيد سبب اھو ھو جو ڪتاب جي حاشئي تي ڪٿي ڪٿي سنڌي بيت بہ لکيل ھئا. ڊاڪٽر صاحب جن انھن شعرن جو مطالعو فرمائي چيو تہ اھي شعر ڪٿي نہ نظر آيا آھن ۽ نہ ڇپيا آھن، جنھن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اھي بيت بہ رسالي فتحيه جي مصنف حضرت مخدوم فتح محمدؒ بن سرور نوحؒ جن جا ھجن.

www.maktabah.org

حاشئي تي قلم ٻيو استعمال ٿيل هو جو اول خطاط جو نہ آهو. بهرحال انهن بيتن جي موضوع تي ڊاڪٽر صاحب جن هڪ مقالو لکي موکليو جيڪو جيئن جو تيئن هن کتاب ۾ پيش ڪجي ٿو. حضرت مخدوم فتح محمدؒ جن جو اصل کتاب مخدوم صاحبان هالا شريف جي کتبخاني ۾ موجود هو. جنهن جو حوالو حديقة الاولياء واري پنهنجي کتاب جي صفحي تي ڏنو آهي. ان ۾ کتاب جا ٽي جلد ٻڌايا ويا آهن. هي اسان کي جيڪو نسخو دستياب ٿيو، اهو سنهي قلم سان هڪ جلد ۾ هو، جيڪو کافي وزندار هو. بهرحال اهو فيصلو ڪيو ويو تہ هو کتاب کنهن فارسيءَ جي ماهر کي ڏيئي ترجمو ڪرايو وڃي. ان ۾ مخدوم سليم الله صديقي صاحب سان مشوري بعد نظر انتخاب مولانا سعيد احمد پٺي صاحب تي پئي، جنهن کي قلمي عربي توڙي فارسي کي سنڌيءَ ۾ منتقل ڪرڻ جي مهارت حاصل آهي، جنهن جو مثال بياض واحدي آهي. جيئن تہ پاڻ عالم آهن ۽ عربي فارسيءَ تي دسترس اٿن، سنڌي ۽ اردو جا بہ ڄاڻو آهن، قلمي نسخي کي پڙهڻ ۽ جاچڻ، پرکڻ جا بہ اعليٰ قسم جا ماهر آهن، انهن اهو ڪم ازراهِ مهرباني شروع ڪيو ۽ پوءِ جيڪي پنا ترجمو ٿيندا ويا، اهي مون کي نظرثانيءَ لاءِ موکليندا ويا. مولانا سعيد احمد صاحب جي ترجمي سان هن کتاب کي جيڪا خصوصيت حاصل ٿي سا شايد کنهن ٻئي کي ترجمي ڏيڻ سان حاصل نہ ٿئي ها. اها خصوصيت هيءَ آهي تہ مولانا صاحب جن جت جت قرآن پاڪ جون آيتون، حديثون، اقوال ۽ اشعار آيا آهن، اتي انهن سينن جا حاشئي ۾ نالا ڏنا اٿن جنهن سان کتاب جي افاديت اڃا بہ وڌي وئي آهي. الحمدلله ثم الحمدلله. انهن حاشين ڪري هر حديث واضح ٿي وئي آهي. مثلاً صحيح، حسن، ضعيف ۽ موضوع وغيره. جنهن جي ڪري حديث جي حوالن جو پورو حق ادا ٿي ويو، نہ تہ شايد ان وضاحت نہ هجڻ ڪري نسخو ناقص رهي ها پر الله رب العزت جا احسان جنهن مهرباني فرمائي مولانا سعيد احمد پُٹي صاحب هٿان ايڏو مشڪل ۽ تحقيقي ڪم ادا ڪرايو، جنهن سان

www.maktabah.org

هن ڪتاب جي سونهن ڪي چار چند لڳي ويا ۽ طبيعت ڪي وڏو اطمينان ۽ سڪون حاصل ٿيو.

ڪتاب جي اوراق جي مطالعي سان معلوم ٿيو تہ مصنف يعني غوث الصمد حضرت مخدوم فتح محمدؒ نہ صرف عالم ۽ عارف هئا پر ڪتابن جو وسيع مطالع رکندڙ هئا. قرآن پاڪ جي آيتن تي گهري نظر، حديث پاڪ جي جاڻ ۽ اولياء الله جي تصنيف ڪيل قديم ڪتابن جو وسيع مطالعو رکندڙ هئا.

بيشڪ ان چوڻ ۾ قطعي وڌاءُ نہ ٿيندو تہ تصوف ۾ هي هڪ اعليٰ ترين تصنيف آهي. جنهنجو مثال شايد سندڙ جي ڪنهن بہ اولياء الله جي تصنيف ۾ ملي ۽ اهو چوڻ بہ بجاطور تي صحيح ٿيندو تہ اڄ تائين اهڙو بهترين ڪتاب تصوف تي شايد مشڪل نظر ايندو. دل گهري ٿي تہ ان ڪتاب جو اردو ترجمو بہ ڪرائي برصغير جي تمام علماء، صوفياء ڪرام جي علم ۾ آڻجي تہ جيئن استفاده بہ حاصل ڪن ۽ معلوم ٿئين تہ سندڙ ۾ بہ ايڏا چوٽيءَ جا بزرگ گذريا آهن، جن هيڏي اعليٰ تصنيف ڪئي آهي. بجاطور تي مخدومؒ صاحب جن ان ميدان ۾ تصوف جا بادشاهہ ۽ امام آهن، جنهن جو ثاني نظر نہ ٿو اچي ۽ سندڙ ڪي بجاطور تي ايڏي وڏي عالم ۽ مصنف تي فخر ڪرڻ گهرجي ۽ الله جلشانه جا شڪر بجا آڻڻ گهرجن تہ خانواه سروريه يعني غوث الحق حضرت مخدوم نوح هالائيؒ جن جو براه راست تربيت يافتہ پوٽو ايڏي وڏي علم ۽ عرفان جو ماهر هو. ان مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو حضرت مخدوم نوحؒ جن ڪيڏا نہ وڏا عالم عارف ٿي گذريا آهن ۽ سندن انتقال ڪانپوءِ سندن فرزندان خصوصاً حضرت مخدوم امين محمد (دستار نمبر 2 درگاهہ شريف هالاؒ بہ چوٽيءَ جا عالم ۽ بزرگ ٿي گذريا. جن پنهنجي اولاد جي ايڏي وڏي روحاني تربيت ۽ اعليٰ ترين تعليم ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ هيڏو وڏو عالم ۽ عارف بالله حضرت مخدوم فتح محمدؒ ظاهر ٿيو، جن ظاهر ٿيو، بيشڪ پاڻ "غوث الصمد" جي لقب جي مصداق هئا، جو تمام قديم قلمي ڪتابن ۾ ڪين غوث الصمد لکيو ويو آهي. هن ڪتاب جي تصنيف جو سن

www.maktabah.org

1019-20هجري آهي ۽ حضرت مخدوم نوحؒ جن جو سن وفات 998هجري جو سندن رحلت کان فقط 22-21 سالن اندر هيءُ کتاب تصنيف ٿيو آهي. حضرت مخدوم نوحؒ جن جو فيض آثار، اقوال، فرمودات ۽ سوانح کتاب ۾ ڏنا ويا آهن. جيڪي ان ڳالهه جا شاهد آهن ته هيءَ حضرت مخدوم نوحؒ جن جي قريب ترين ۽ معتبر ترين تاريخ لکي وئي آهي. جنهن جو مثال تمام ٿورن بزرگن جي تاريخ ۾ ملي ٿي. مصنف براهِ راست پنهنجي ڏاڏي کان علمي ۽ روحاني طرح مستفيض ٿيل آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هيڏو وڏو شاهڪار سامهون آيو. لڳي ٿو ته هن خاندان ۾ الله تعاليٰ حضرت مخدوم نوحؒ جن کان بعد به علم جا سرچشما جاري رکيا. تصوف، طريقت ۽ معرفت جا درياء وهايا آهن. جنهن جو مثال تاريخ جي تمام ٿورن خانواده کي حاصل آهي. خبر ناهي هن خاندان جي بزرگن جون ٻيون به کيترين تصانيف هيون، کيترا اقوال، فرمودات نايات رهيا ۽ محفوظ نه ٿي سگهيا. حديقة الاولياء واري مصنف جيڪي کتاب مخدوم صاحبان جي ذاتي کتبخاني ۾ سندن خاندان جي بزرگن جي تصنيف کيل کتابن جو ذکر کيو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻيا به کافي شاهڪار کتاب تصنيف کيا ويا آهن. جيڪي هن خاندان جي علمي، ادبي ۽ روحاني عطا جا شاهڪار آهن. مثلاً: ارشادالطالبين، سراج العارفين، اسرار الاولياء، انيس الفقرا، کئوس فخريه وغيره مڃاڻ ته اڄ سندن کتبخاني ۾ اهي بيش بها خزانه موجود آهن يا ناقدر شناسي بزرگان دين و علم جي ڪري اٽلي آهن. ٻلا جي آهن ته انهن جو به صحيح علم ناهي ته ڪٽي آهن. الله رب العزت کان دعا آهي ته اهي کتاب دستياب ٿي وڃن ته ترجمو ڪرائي شايع ڪجي ته جيئن علم ۽ تصوف جي طالبن جي تشنگان لاءِ وڏي سيرابيءَ جو ذريعو بنجن، دل سان دعا آهي ته الله تعاليٰ انهن کتابن جي حفاظت فرمائي. (آمين)

هن کتاب ۾ مخدوم فتح محمدؒ صاحب جن اڳين عارف شاعرن، جيڪي تصوفانه عاشقي ۾ تشبيهون ۽ استعارا استعمال کيا آهن، انهن سين جي وضاحت فرمائي آهي، انهن لفظن جي

www.maktabah.org

لغت، تصوفانہ حقيقت ۽ ظاهري معنيٰ فرمائي اٿن. جنهن ۾ ظاهر ۾ ته هڪ معنيٰ آهي، پر انهن لفظن جو باطني مقصد انتهائي عالمانہ ۽ عارفانہ انداز ۾ بيان ڪيو اٿن، جنهن سان انهن عارف شاعرن جي شاعريءَ جو مفهوم سمجهڻ آسان ٿي ويو ۽ ته ڪي ظاهر بين ڪم علم ۽ ڪم فهم ماڻهو انهن بزرگن جي ڪلام جي ظاهري اکرن جي صورت ڪي ڏسي انهن جا پنهنجا غلط رايا قائم ڪندا آهن ۽ ڪي وري ظاهر صوفي شراب ۽ عشق ڪي حقيقي سمجهي پاڻ ڪي ڪنهن حسين عورت يا ڇوڪر جي عشق ۾ يا شراب ۽ نشي جي واپرائڻ ۾ مبتلا ڪندا آهن.

رقص ۽ سرود سان پاڻ ڪي جيڪي بي راه ڪندا آهن ۽ ٻين ڪي به گمراه ڪندا رهن ٿا ۽ اڪثر ظاهر صوفي پرست ماڻهو جيڪي ويچارا انهن ڏانهن لاڙو ۽ رغبت رکن ٿا، اهي انهن جي صحبت ۾ اچي دين ۽ شريعت ڪي ترڪ ڪريو نفس ۽ خرافات ۾ پاڻ ڪي ڦاسايو، ان ڪي معرفت پيا سمجهندا آهن. انڪري اڪثر گهٽ علم رکندڙ عوام ساڻن محبت رکندو آهي، پوءِ انهن خرافات مثلاً شراب ۽ ناچ گانن وغيره ۾ مبتلا ٿي پنهنجو دين و دنيا برباد ڪندا آهن. لڳي ٿو ڪن عارف شاعرن جي استعارن، تشبيهات ۽ مفهومات جو دامن تنگ هو جو ڪين انهن الفاظن جو سهارو ونڻو پيو جن جو ذڪر ڪرڻ يا اشارو ڪرڻ شرعاً اجازت ناهي، جنهن سان گمراهي ڦهلجڻ جو خطرو ٿئي ٿو. اهوئي فرق آهي نبيءَ ۽ وليءَ ۾ جو انبياء عليهم السلام اهي الهامي الفاظ، الهامي تشبيهون، استعارا استعمال ڪيا جيڪي الله رب العزت کي پسند هئا. حضرت مخدوم فتح محمدؒ ۽ ٻين بزرگ شاعرن جو اهو تمام وڏو احسان آهي جو انهن تشبيهات جون اصلي معنائون ڏيئي ماڻهن کي بي راهہ روي، دين و دنيا ۽ دوکي کان بچايائون. انبياء ڪرام عليهم السلام مقام ربوبيت ۾ پهچي به مقام عبديت تي رهن ٿا ۽ ڪيترائي صوفياء بزرگ به مقام ربوبيت تي پهچي واپس مقام عبديت ۾ موٽي آيا آهن ۽ انهن جو اظهار ڪيو آهي جيڪو انبياء نہ ڪيو آهي، ڪي صوفياء بزرگ مقام مربوبيت ۾

www.maktabah.org

پهچي مقامِ عبديت ۾ نہ موٽي سگهيا آهن. انڪري حضرت حسين بن منصور حلاجؒ ۽ سچل سرمستؒ جهڙن بزرگن جي تعليم جو غلط رنگ ونڍايو ويو جنهن جو حقيقت سان ڪوبہ تعلق ناهي. حضرت عثمان مروندیؒ جيڪو عالم فاضل ۽ صاحبِ شريعت بزرگ هو. باقي سندن شعرن جي آڌار تي ماڻهن گمان ورتو تہ پاڻ وجد ۾ اچي رقص ڪندا هئا جيئن "قلندر وار مي رقصم". اهي صرف ڪيفيات آهن، جيڪي الله رب العزت جي عاشقن جي دلين تي گذرندڙ واردات جو اظهار آهن حضرت حسين بن منصور حلاجؒ جو مقام ربوبيت ۾ پهچي مشاهدو ماڻي درگاهِ عبديت ۽ صمديت مان رب سائين پنهنجي ذاتِ عالي جي تعارف لاءِ "اناالحق" چوڻ يعني آءُ حق آهيان (مقصد تہ اصل ذات آءُ آهيان ۽ باقي سڀ مخلوق آهن). اهو آواز سندن دل و دماغ تي ايترو تہ چانئجي ويو جو هر وقت اهي الفاظ ورجائيندو هو جنهن مان ظاهر بين ماڻهن هو سمجهيو تہ پاڻ کي "حق" پيو چئي حالانڪ هي بزرگ ان مقام تي پهچي چڪو هو جتي هو پنهنجا هوش و حواس، عقل ۽ ارادا ختم ڪري چڪي هو. متن فقط مشاهدي واري ڪيفيت طاري ٿي وئي، انڪري جن جو جڏهن ايڏو مقام ٿئي تہ پل اها ڳالهہ ڪن:

"هر کہ سر تراشد قلندر نہ شود"

(معنيٰ: جيڪو متو ڪوڙيندو اهو قلندر ڪونہ ٿيندو).

حالانڪ مشهور اهو آهي تہ قلندرن جو الله جي ذڪر ۽ مستي ۾ ايترو جوش جاڳندو آهي جو انهن جا سڀ وار متي جا چٽي ويندا آهن. اصول اهو آهي تہ هر قلندر گنجو نہ ٿو ٿئي ۽ نہ وري هر گنجو قلندر ٿيندو.

ڪتاب جي اشعارن مان لڳي ٿو تہ مصنف وڏي پائي جو شاعر هو، سندس مثنويون معنويت ۽ معرفت جو اعليٰ ترين شاهڪار آهن. شعرن ۾ فصاحت، بلاغت نظر اچي ٿي. استعارن ۽ تشبيهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مصنف کي نہ صرف شاعرانہ صنفن تي ڪمال آهي، پر سندن ذهني ۽ پرواز بہ تمام اعليٰ آهي. مشاهدن کي شاعري ۽ الفاظن جي صورت ۾ آڻڻ ۽ ايڏي حسين پيرائي ۾

www.maktabah.org

پيش ڪرڻ اهو شايد ڪو قادر ڪلام شاعر ۽ ڪامل عارف ئي ڪري سگهي ٿو. پاڻ فقر، فقرا، فقيرا ۽ فتح جا تخلص استعمال ڪيا اٿن. دل اها گهري ٿي ته مصنف جي مثنوين کي الڳ تصنيف ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي، ان جي سمجهاڻي ڏجي. اهم گالهه اها به آهي ته ڪتاب ۾ صرف شاعريءَ کي بنياد نه بنايو ويو آهي پر قرآني آيات ۽ احاديث کي جابجا آندو ويو آهي. مخدومؒ صاحب جن کافي جڳهن تي بين شاعرن مثلاً فريدالدين عطارؒ ۽ مولانا رومؒ جون مثنويون به آندیون آهن. ڪتاب جي خصوصيت اها به آهي ته هر جاءِ تي مثنوي آندي وئي آهي، جيڪا تصوف جي ڪتاب ۾ هڪ قسم جي نئين صنف آهي. فارسي سان گڏ عربي شعر به آندل آهن ۽ حاشئي تي سنڌي شعر هر باب جي موضوع تي الڳ ڏنا ويا آهن.

اڳين صوفياء ڪرام جن جا حوالا سائين جن ڏنا آهن. انهن ۾ جنيد بغدادیؒ، شيخ ابوبڪر شبليؒ، عبدالله جلاليؒ، ابوسعيد خرازؒ، شيخ ابوالحسن نوريؒ، ابراهيم ادهمؒ، شيخ شفيقؒ، بي بي رابعه بصريؒ، سري سقطيؒ، شيخ حسن بصريؒ، ابن عطارؒ، شيخ علي ڪرميؒ، شيخ ابوبڪر واسطيؒ، جعفر خلدنيؒ، شيخ محمد ڪوفيؒ، شيخ علي موذنؒ، شيخ عبدالرزاقؒ، بايزيد بسطاميؒ، محمد واسعؒ، بهاؤالدين زڪريا ملتانيؒ، شيخ شرف الدينؒ، شيخ عبدالله انصاريؒ، ابوعلي دقاقؒ وغيره.

اسلامي تصوف جي تاريخ به الڳ مضمونن ۾ ڏني اٿن، جنهن سان ان علم ۾ دلچسپي رکندڙ جي معلومات ۾ ڪافي اضافو ٿيندو. تصوف لفظ جو اصل مقصد ت= تن، ص= صفائي، و= وجود، في= فنائي. سچي عبادت ۽ اطاعت وقت انسان الله جو بانهو آهي ۽ دنياوي محتاجي ۽ خود غرضي وقت انسان، انسان جو بانهو آهي. روح کي خوش ڪرڻ وارا اعمال گندگي آهن ۽ نفس کي خوش ڪرڻ وارا اعمال به انسان جي اندر کي تباهه ڪرڻ وارا آهن. تصوف ۾ ذڪر اذڪار ۽ ان جو طريقه ڪار ۽ ان جون جيڪي شاخون ٻڌايون وڃن ٿيون اهي سڀ سنت جو درجو نه ٿا رکن جيئن عام ماڻهن جي سمجهه آهي بلڪ اهي سڀ طريقه ڪار نفس ۽ روح

www.maktabah.org

جي پاڪائيءَ لاءِ علاج جو طريقو رکن ٿا. مثلاً جيئن ظاهري جسماني بيمارين کري انسان طبيبن جي حوالي ٿين ٿا ۽ طبيب مرض سارو دوائن جو انتخاب کري ٿو ۽ انهن دوائن جا وقت ۽ وزن مقرر کري ٿو اهو سڀ مرض جو طريقہ علاج آهي. اهڙي طرح سان ذکر کرڻ قرآن پاڪ جو حڪم ۽ سنت بہ آهي. صوفياء ڪرام ذکر جا جيڪي طريقہ ڪار و تعداد مقرر ڪيا آهن اهي سڀ علاج جي حيثيت رکن ٿا. ڪن بزرگن نفس ۽ باطن جي صفائي ۽ علاج لاءِ چلا ڪيڻ (يا چِلن ۾ رهڻ) مقرر ڪيا، انهن ۾ رهڻ سان هڪ سئو ماحول ملي ٿو ۽ دنياوي گهيري واري ماحول مان انسان نڪري اچي ٿو ۽ نيڪن جي صحبت کري قلب تي روحاني اثرات پون ٿا. صوفياء ڪرام انسان جي روحاني مرض جي حساب سان ان جي رهائش ۽ وقت مقرر ڪندا آهن، جيئن ماهر طبيب ڏينهن جو اندازو مقرر ڪندا آهن تہ مريض هن علاج سان هيتري وقت ۾ شفايابب ٿيندو. اهو بہ ذهن نشين کرڻ گهرجي تہ شريعت ۽ طريقت ٻئي لازم ۽ ملزوم آهن. طريقت، شريعت ڪانسواءِ ائين آهي جيئن بنياد ڪانسواءِ عمارت. شريعت ڪانسواءِ طريقت ۽ معرفت جو هلڻ عين گمراهي آهي. حضور پُرنور ﷺ جن، سمورا ولي ۽ بزرگ سڀ شريعت جا پابند رهيا آهن. الله رب العزب وٽان جيڪي نازل ٿيو آهي ان تي عمل کرڻ لاءِ حضور اڪرم ﷺ جن جهڙي برگزيده هستي کي بہ حڪم آهي تہ اوهان بہ ان تي پابند آهيو ۽ ٻين انسانن کي بہ ان جو پابند بنايو. انکري ڪنهن بہ تصوف جي ڪتاب کي يا صوفياء جي ڪنهن ڪتاب کي ائين سمجهڻ تہ اهو قرآن وانگر آهي يا ڪنهن بزرگ جي شعرن کي قرآن جو درجو ڏيڻ اها هڪ عظيم گمراهي آهي انکري جن صوفي بزرگن جا قول جيڪڏهن قرآن ۽ حديث سان مماثلت رکن ٿا تہ انهن تي عمل ڪجي باقي متضاد قولن جي ڪابہ حيثيت ناهي سواءِ ان جي تہ صوفياء ڪنهن حال يا ڪيفيت ۾ اچي ان ٻَالهہ جو اظهار ڪيو آهي. قرآن پاڪ جي آيت آهي "وما ينطق عن الهويٰ ان هو الا وحي يوحيٰ" اها آيت صرف ۽ صرف حضور ﷺ جن لاءِ

www.maktabah.org

آهي باقي ٻئي ڪنهن لاءِ ۾ الله رب العزت ان لاءِ ضمانت نہ ڏني آهي. چاهي اهو غوث، قطب يا قلندر هجي، هوا ۾ اڏامندڙ يا پاڻي ۾ ترندڙ هجي. باقي انبياء جا معجزا ۽ اولياء جون ڪرامات حق آهن. جيڪڏهن ڪي شيون اولياء الله کان صادر ٿين ٿيون، جن سان انبياء عليهم السلام جي اعمالن سان ڪهڙيون به الله رب العزت جون مهربانيون ٿي سگهن ٿيون. اولياء الله جون ڪرامتون سندن بزرگي جي علامت آهن. باقي نفعو انسانن کي انهن ڪرامتن مان نہ پر اتباع سنت ۽ شريعت سان ملي ٿو. اصل ڪر اولياء، اصفيا ۽ اتقيا جو اهوئي آهي ته مرده دلين کي جيئاري. الله جي معرفت ۽ محبت سان انهن کي آشنا ڪري انهن کي الله جو سچو عاشق ٻانهو ۽ رسول الله ﷺ جو سچو پيروڪار بنائي جنهن سان انسان جي پنهنجي اندر جي ذات جو وجود به نوراني، روحاني، پاڪيزه ۽ معطر، ٿيو وڃي ۽ وجود مان نڪرندر اعمالن ۾ نيڪي ۽ شرافت اچيو وڃي جنهن سان ان جي ذات کي به فائدو ملي ٿو ۽ سندس متعلقين ۽ اوڙي پاڙي تي به ان جا اثرات پون ٿا. جنهن سان اهو انسان زمين تي اعليٰ ترين آهي. ان جي مقابلي ۾ اهو انسان جنهن ۾ نہ طريقت نہ معرفت ۾ نہ شريعت آهي صرف نفسيانيت آهي اهو پنهنجي لاءِ به وبال آهي ۽ متعلقين ۽ اوڙي پاڙي لاءِ به ۽ اهو انسان زمين تي هلندڙ انسانن ۾ بدترين آهي.

اصل صوفياء ڪرام جو گروهه اهو آهي جيڪو صراط مستقيم تي آهي، انڪري جو ڪوبہ صوفي بزرگ شريعت ۽ سنت کان پري نہ هوندو آهي. مثلاً حسن بصريؒ، جنيد بغداديؒ، رابعه بصريؒ، سري سقطيؒ، بايزيد بسطاميؒ، ابوبڪر شبليؒ، شيخ عبدالقادر جيلانيؒ، بهاؤالدين زڪريا ملتانيؒ، بهاؤالحق نقشبنديؒ، مجدد الف ثانيؒ، مخدوم نوحؒ، مخدوم بلاولؒ پير محمد راشد روضي ڈٹيؒ، خواجہ محمد زمان لنواري واروؒ ۽ مخدوم بلاولؒ وغيره.

هن ڪتاب جي مصنف جو ڏاڏو حضرت مخدوم نوحؒ با شريعت بزرگ هئا، جن جو ڪوبہ عمل شريعت ۽ سنت جي خلاف

www.maktabah.org

نہ رهيو آهي. آخري حياتيءَ تائين بہ ايڏو شوق ۽ ذوق سنتن پوري ڪرڻ جو هئن جو پاڻ فرمايائون تہ "باقي هجرت جي سنت رهجي وئي آهي جيڪا بعد از وفات ٿيندي." واقعي 12 سالن کان پوءِ سندن نعش مبارڪ کي درياء خوردي ڪري هجرت ڪرائي وئي. پنهنجي مريدن کي اڪثر فرمائيندا هئا تہ اسان کي بہ جيڪي نفعا مليا، سي الله کي ياد ڪرڻ سان مليا، ان ڪري ٻلهي مرشد مرشد ڪرڻ سان ڪو نفعو نہ ٿو ٿئي.

قاضي محمد شوڪت علي قريشي

www.maktabah.org

پہ اکر

الله سبحانهٗ و تعاليٰ جو اسان جي خاندان تي هي خصوصي ڪرم رهيو آهي جو هن خاندان جي جدِاعليٰ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڪان وٺي شيخ المشائخ ضيا الدّين ابو نجيب عبدالقاهر صديقي سهروردي، شيخ الشيوخ شهاب الدّين ابو حفص عمر صديقي سهروردي، شيخ الوقت قاضي فخر الدّين اسمعيل ڪبير صديقي، مرشد زمانه حضرت فخر الدّين صفير صديقي سهروردي ۽ حضرت غوث الحق قطب العارفين مخدوم نوح تائين سيئي بزرگ دين، علم ۽ روحانيت جا صاحب ٿي گذريا آهن ۽ اهو پہ الله تعاليٰ جو احسان آهي جو حضرت غوث الحق جن ڪان پوءِ پہ هن خاندان ۾ علم، فضل ۽ ولايت جو سلسلو جاري رهيو. ۽ عظيم المرتبت عالم ۽ اوليا پيدا ٿيا، جن مان حضرت مخدوم فتح محمد سائين جن پہ هئا.

اسلامي تاريخ جي علمي ۽ عملي ميدان ۾ سندن ذات وڏي جاءِ والاري ٿي، ڪتاب جي مطالعي سان سندن علم ۽ معرفت جي بلند مقام جي حقيقي خبر پوي ٿي جو سوائي نذرانہ عقيدت پيش ڪرڻ جي رهي نہ ٿو سگهجي. هن

www.maktabah.org

ڪتاب جي مصنف جي باري ۾ مزيد لکڻ يا پنهنجي راءِ ڏيڻ ائين آهي جيئن سڄ آڏو ميڙ بتي رکڻ. سندن هي 'تصنيف' تصوف جي طالبن لاءِ هڪ اڻ کٽ ۽ بي بها خزانو آهي، جنهن ۾ علم ۽ معرفت جا درياهه آهن جنهن مان حقيقت ۽ معرفت جي اجايل طالبن جي تاقيامت اُڃ لهندي رهندي.

مون سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جي چارج سنڀالڻ کان پوءِ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ کي خط لکي گذارش ڪئي ته جيسين تائين آئون بورڊ جو چيئرمين آهيان تيسين تائين منهنجي خاندان جي بزرگن جا ڪتاب يا منهنجا لکيل ڪتاب نه ڇپايا وڃن، جنهن جي جواب ۾ بورڊ لکت ۾ آگاهه ڪيو ته توهان جي خاندان جا ڪجهه ڪتاب توهان جي چيئرمين ٽيڻ کان اڳ پرنٽ ڪرائڻ جو فيصلو ٽيل آهي ۽ انهن تي ڪافي خرچ ٽي چڪو آهي، تنهن ڪري انهن جي ڇپائڻ جي اجازت ڏني وڃي. مون اهو مناسب سمجهو ۽ مشروط اجازت ڏني ته جن ڪتابن تي خرچ ٽي چڪو آهي انهن کي ڇپرايو وڃي. ليڪن انهن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به ڪتاب شايع نه ڪيو وڃي انهن مان هڪڙو هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.

رسالو فتحي بن ٽن ڏهاڪن کان غائب هئو جنهن جو ملڻ ۽ وري ڇپجي پڌرو ٽيڻ کنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي ان حوالي سان درگاهه شريف جي مجاور مرحوم آخوند رب ڏني، قاضي شوڪت علي قريشي، محترم عبدالغفار سومرو، مولانا سعيد احمد پٽو، مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ سيد

www.maktabah.org

زوار نقوي ۽ گل حسن درس وغيره جو دل سان شڪريو جن جي ڪاوشن سان هي ڪتاب ديده زيب صورت ۾ منظرعام تي آيو آهي.

مخدوم جميل الزمان

چيئرمين طالب المولىٰ اڪيڈمي هالا

8- جون 2011ع
٥-رجب المرجب ١٤٣٢هـ
سنڌ اسيمبلي بلڊنگ،
ڪراچي سنڌ

www.maktabah.org

رساله فتحيه جو تعارف
۽ ان جا ماخذ

هن وقت تائين ٿيل تحقيق موجب سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۾ 'رساله فتحيه' تصوف جي موضوع تي پهرين مڪمل علمي ۽ فڪري تصنيف آهي جيڪو 1019هـ/1610ع ڌاري لکيو ويو. ان جو مصنف مخدوم فتح محمد ڏهين صدي جي سنڌ جي نهايت نامور صوفي عالم ۽ برگزيده هستي مخدوم لطف الله عرف مخدوم نوح جو پوٽو آهي. هڪ اندازي موجب هو سال 1577/985 ڌاري مخدوم نوح جي پڳدار پٽ مخدوم امين محمد جي گهر پيدا ٿيو، سندس تعليم و تربيت خاص طور روحاني پرورش سندس ڏاڏي مخدوم نوح جي زير نگراني ٿي ۽ اهو ان جي فيض واري نظر جو تاثير هو جو هو وڏو عالم ۽ صوفي، شاعر ۽ صاحب تصنيف ٿيو.

رساله فتحيه جو مصنف پنهنجي وقت جي مروج ديني علوم يعني قرآن ۽ حديث، تفسير ۽ فقه کان علاوه تصوف جي علمي ۽ عملي ڪمالات تي عبور حاصل ڪيو. ان جو سبب ظاهر آهي ته هو هڪ اهڙي علمي ۽ روحاني خاندان جو فرد هو جيڪو ان وقت سنڌ ۾ نهايت اهم روحاني حيثيت جو مالڪ هو. مخدوم نوح سورهين صدي اندر سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ ممتاز علمي ۽ روحاني شخصيت آهي جنهن جو تذڪرو سڀني معاصر تاريخي ڪتابن ۾ ملي ٿو، ان کان علاوه سنڌ جي صوفين بابت اولين تذڪري 'حديقة

www.maktabah.org

الاوليا' جيڪو 1607/1016 جي تصنيف آهي، ان جو مصنف عبدالقادر، مخدوم نوح جي علمي ڪمالات ۽ ڪرامتن جو خاص طور ذڪر ڪري ٿو. ائين سال 1613/1022 ۾ سنڌ کان ٻاهر هند ۾ لکيل تذڪري 'گلزار ابرار' ۾ پڻ مخدوم نوح جي علمي ۽ روحاني حيثيت جو خاص اعتراف ڪيل آهي.

'فتحيہ' جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مصنف ننڍي وهيءَ ۾ ئي پنهنجي ڏاڏي مخدوم نوح جي وڏيڪ ويجهو ۽ زير اثر هو. اهو ان مان ظاهر آهي تہ جڏهن مخدوم نوح 998هـ ۾ وفات ڪئي تہ مصنف جي عمر ان وقت مشڪل سان تيرنهن سال هئي، بهرحال جيئن هن ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿو ۽ جنهن جو انڪشاف مصنف پاڻ بار بار ڪري ٿو تہ هو وڏ ۾ وڏ پنهنجي ڏاڏي جي علمي ۽ روحاني شخصيت کان متاثر هو ۽ ان کان ئي پاڻ کي فيض يافتہ سمجهي ٿو. هو مخدوم نوح جي حياتي ۽ ان جي مناقب تي نهايت تفصيل سان لکي ٿو، جنهنڪري اهو مخدوم نوح بابت پنهنجي نوعيت جو پهريون مستند تذڪرو معلوم ٿئي ٿو، جنهن مان مخدوم نوح جي علمي ۽ روحاني عظمت، سياسي ۽ سماجي حيثيت پوري ريت اجاگر ٿئي ٿي. هڪ لحاظ سان چئي سگهجي ٿو تہ هن رسالي جي تحرير جو بنيادي سبب مخدوم نوح جي سوانح ۽ افڪار کي محفوظ ڪرڻ هو، بلڪ ان مقصد تحت جڏهن مصنف پنهنجي علمي ڪاوش جو آغاز ڪري ٿو تہ ان جو نتيجو سنڌ ۾ تصوف بابت هڪ ضخيم علمي ۽ فڪري تصنيف جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو. هتي مصنف پنهنجون سموريون ذاتي لياقتون صرف ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ڪتاب کي پڙهندڙن لاءِ وڏيڪ جاذب ۽ ڪشش جو باعث بنائڻ خاطر پنهنجي ٻرپور شاعرانہ صلاحيتن کي بہ استعمال ڪري ٿو، جنهن مان سندس اعليٰ شاعرانہ شعور ۽ فهم جي پروڙ پوي ٿي.

www.maktabah.org

هاڻي جيستائين مصنف جي پنهنجي ذاتي مطالعي ۽ مشاهدي جو تعلق آهي تہ هو اسلامي تصوف جي مشاهير هستين ۽ انهن جي بنيادي ڪتابن کان علاوه فارسي شاعريءَ جي عظيم صوفيانہ روايت کان بخوبي واقف نظر اچي ٿو. هن سلسلي ۾ خاص طور عربيءَ ۾ 'رسالہ قشيريہ' ۽ فارسيءَ ۾ علي هجويريءَ جو 'ڪشف المحجوب' سندس هر وقت آڏو آهن. ياد رهي تہ رسالہ قشيريہ، عبدالڪريم هوازن قشيري سال 465هـ ۾ تصنيف ڪيو ۽ هجويري جو ڪشف المحجوب جيڪو فارسيءَ ۾ تصوف تي پهريون ڪتاب آهي سال 465هـ ڌاري مڪمل ٿيو. قشيري ۽ هجويري ٻئي همعصر هئا ۽ سندن ملاقات بہ ٿيل هئي، بلڪ هجويري رسالہ قشيريہ مان گهڻو اسڦتادو ڪيو آهي جيئن ڪشف المحجوب مان ظاهر ٿئي ٿو.

ٿيون ڪتاب بلڪ جنهن تان 'رسالہ فتحيہ' جي مصنف وڌ ۾ وڌ استفادو ڪيو آهي، بلڪ ان جا ڪيترا اقتباس جيئن جو تيئن ڏنا آهن، اهو ستين صدي جي شروع جي تصنيف 'مرصاد العباد من المبدا الي المعاد' مختصراً 'مرصاد العباد' آهي جيڪو نجم الدين رازي جي تصنيف آهي ۽ اهو هن سال 620هـ ۾ سيواس جي شهر ۾ سلجوقي سلطان علاؤالدين ڪيقباد ڪي پيش ڪيو هو. نجم الدين جو تعلق تاريخي شهر ري سان هو ليڪن تعليم و تربيت وچ ايشيا يا موجوده ازبڪستان جي مشهور شهر خوارزم ۾ ٿي جتي هو نجم الدين ڪبريٰ جي سلسلي سان وابستہ ٿيو ۽ پنهنجو مرشد مجدالدين بغدادي ڪي ڄاڻائي ٿو، جنهن جو ذڪر وڏي عقيدت سان ڪري ٿو. اهو سال 616هـ هو جڏهن رازي منگولن جي حملن سبب خوارزم شاه جي سلطنت تباهہ ۽ برباد ٿيڻ دوران پنهنجو وطن ڇڏي ويجي نڪتو ۽ عراق، خراسان ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۽ شهرن مان گذرندو آخرڪار بلاد روم جو رخ ڪيائين. مرصاد جي پهرين باب

www.maktabah.org

۾ منگولن هٿان اسلامي شهرن ۽ ملڪن جي تباهي ۽ بربادي۽ جو دردناڪ داستان بيان ڪري ٿو. هو عراق ۾ هڪ سال ترسڻ دوران به پاڻ کي محفوظ نٿو سمجهي، ان کان پوءِ هو همدان پهچي ٿو، جتي پڻ منگول حملو ڪن ٿا، همدان مان نڪرڻ کان پوءِ 618هـ جي رمضان مهيني ۾ هو قيصريه پهچي ٿو. جلدئي سندس ملاقات ملطيه ۾ عوارف المعارف جي مصنف ۽ وڏي صوفي شيخ الشيوخ شهاب الدين سهروردي۽ سان ٿئي ٿي، جيڪو وري بغداد جي عباسي حڪمران طرفان روم جي سلطان علاؤالدين ڪيقباد لاءِ قونيه ۾ سفارت ڪٽي ويو هو. ملاقات دوران رازي، سهروردي۽ کي متاثر ڪري ٿو ۽ ان سان پنهنجي تصنيف مرصاد العباد جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو کيس خط لکي ڏئي ٿو ۽ آماده ڪري ٿو ته پنهنجي تصنيف سلجوقي سلطان کي پيش ڪري، ائين هو قونيه پهچي ٿو جتي سلطان سندس وڏي قدرداني ڪري ٿو، مولانا جامي۽ جي لکڻ موجب قونيه ۾ رهڻ دوران رازي۽ جون صدرالدين قونوي، مولانا رومي ۽ اوحدالدين ڪرماني۽ سان ملاقاتون ٿين ٿيون.

'مرصاد العباد' فارسي نثر ۾ تصوف بابت هڪ شاهڪار تصنيف آهي جنهن کي گهڻي مقبوليت حاصل ٿي. نثر کان علاوه ان ۾ رازي پنهنجي شاعري به آندي آهي. پر ان سان گڏ ٿنائي، خاقاني ۽ ابوسعيد ابوالخير ۽ ٻين شاعرن کي به آڻي ٿو جنهن سان سندس انداز بيان وڌيڪ مؤثر ۽ دلپذير ٿي پوي ٿو. ستين صدي۽ ۾ مولانا رومي جهڙو وڏو صوفي ۽ انهن صدي۽ ۾ حافظ شيرازي۽ جهڙو وڏو شاعر مرصاد العباد مان استفادو ڪندي نظر اچن ٿا. انهي۽ پس منظر ۾ سنڌ هند ۾ مرصاد العباد جو نائين ۽ ڏهين صدي۽ دوران ڪيترن وڏن صوفي عالمن ۽ بزرگن وٽ ذڪر ملي ٿو.

جيئن فتحيه جي پهرين باب 'توحيد' ۾ آيل حوالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته خاص طور مصنف جي آڏو رساله قشيريه، ڪشف

www.maktabah.org

المحجوب ۾ تذڪرة الاوليا موجود هيا، جن مان ڪي قول سڏو سنئون ورتل آهن ۽ ڪن جي وري تشريح ٿيل آهي، هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين جنيد جي حوالي سان هي قول ملي ٿو، جيڪو رسالہ قشيريہ ۾ موجود آهي.

وسئل الجنيد عن التوحيد، فقال: معنى تضمحل فيه الرسوم، و تندرج فيه العلوم، ويكون الله تعالىٰ كما لم يزل.

اهڙيءَ طرح توحيد جي باري ۾ حضرت ابوبڪرؓ ڏانهن منسوب هي قول پڻ رسالہ قشيريہ ۾ ملي ٿو: سبحان من لم يجعل لخلقه سبيلاً الىٰ معرفته الا بالعجز عن معرفته.

شيخ شبليءَ ڏانهن منسوب هيءَ ڏڳهو قول جنهن جو ترجمو فتحيہ جي صفحي يارهين تي ملي ٿو هن ريت آهي ۽ اهو رسالہ قشيريہ ۾ موجود آهي:

سئل الشبلى، فقيل له، اخبرنا عن توحيد مجرد، فقال: ويحك! من اجاب عن التوحيد بالعبارة فهو ملحد، ومن اضار اليه فهو ثنوى، ومن اوماء اليه فهو عابد اوثن، ومن نطق فيه فهو غافل، ومن سكت عنه فهو جاهل، ومن توهم انه واصل فليس له حاصل، ومن رىٰ انه قريب فهو بعيد، ومن تواجد فهو فاقد، وكل ما ميزتموه باوهامكم اذركتوه بعقولكم فى اتم معانيكم فهو مصروف مردود اليكم، محدث مصنوع مثلكم.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو ڏڳهو حوالو جيڪو نالي سان گڏ 'رسالہ قشيريہ' مان ورتل آهي، اهو فتحيہ جي صفحي 190 تي موجود آهي. هتي اسان اصل اقتباس صحيح صورت ۾ قشيريہ تان نقل ڪيون ٿا:

الولى: له معنيان: احدهما: فعيل بمعنى مفعول، وهو من يتولى الله سبحانه امره؛ قال الله تعالىٰ: انّ ولى الله الذى نزل الكتاب وهو يتولى الصالحين (الاعراف: 196): فلا كله الى نفسه لحظة، بل يتولى الحق- سبحانه- رعايته-

www.maktabah.org

والثانی: فعیل مبالغة من الفاعل، وهو الذی یتولی عبادة الله و طاعته، فعبادته تجری علی التوالی، من غیر ان یتخللها عصیان.

وکلا الوصفین واجب، حتیٰ یکون الولی ولیاً، یجب قیامه بحقوق الله تعالیٰ علی الاستقصاء والاستیفاء، و دوام حفظ الله تعالیٰ ایاه فی السراءِ والضراءِ.

ومن شرط الولی: ان یکون محفوظاً، کما انّ من شرط النبی ان یکون معصوماً، فکل من کان للشرع علیه اعتراض فهو مغرور مخدوع. (رساله قشیریه عربی، صفحا 449-450)

هن کان پوءِ ولي جي باري ۾ فتحيہ جي صفحي 208 تي ابراهيم ادهم، ابوعثمان مغربي ۽ ابوعلي جوزجاني ۽ جا قول سڀ جو سڀ رساله قشيريہ مان ورتل آهن. ابوسعيد خراز ڏانهن منسوب قول جيڪو فتحيہ ۾ فارسيءَ ۾ ملي ٿو، اهو رساله قشيريہ ۾ عربيءَ ۾ هن ريت آهي:

وقال ابوسعید الخراز: اول مقام لمن وجد علم التوحید، و تحقق بذالك، فناءَ ذکر الاشیاءَ عن قلبه، وانفراده بالله عزوجل.

اهڙيءَ طرح ابن عطا جي جنهن قول جو فارسي ترجمو فتحيہ ۾ ڏنو ويو آهي، اهو اصل عربيءَ ۾ رساله قشيريہ ۾ هن ريت آهي:

وقال ابن عطاءَ: علامة حقیقة التوحید نسیان التوحید، وهو ان یکون القائم به واحداً.

فتحيہ ۾ اهو قول فارسيءَ ۾ هينئن ترجمو ڪري ڏنو ويو آهي: ترجمہ قشيري: حقيقت توحيد فراموش كردن توحيد است، اين حالي است كہ بنده بہ يگاني حق قائم گردد.

اڳتي رساله فتحيہ جو مصنف خواجہ منصورؒ جي حوالي سان عربيءَ ۾ هي قول آڻي ٿو:

"التوحید حجاب الموحد عن کمال الاحدیث" ليڪن دراصل اهو قول شبليءَ جو آهي جيڪو ان صورت ۾ ڪشف

www.maktabah.org

المحجوب ۾ کشف الحجاب الثاني في التوحيد ۾ ملي ٿو. کشف المحجوب ۾ حسين بن منصور جو هينئيون قول ملي ٿو:

اوّل قدم في التوحيد فناءُ التفريد.

ليکن فتحيہ جو مصنف اهو قول نٿو آڻي، البت تفريد تي وڏو بحث ڪري ٿو ۽ ان جي سمجهاڻي ڏئي ٿو.

رسالہ قشيريہ کان پوءِ فتحيہ جو مصنف 'کشف المحجوب مان استفادو ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ان جو حوالو ڏئي توحيد جي تشريح ۽ توضيح هن ريت ڪري ٿو:

حقيقت توحيد حکم کردن بريگانگي چيزي و صحت بريگانگي آن چيز، و حقيقت صحت توحيد آن است که هر دران محوشوند که غير نہ بيند.

کشف المحجوب ۾ اصل عبارت هن ريت آهي:

و حقيقت توحيد حکم کردن بود بريگانگي چيزي بہ صحت علم بہ يگانگي آن.

آخر ۾ مجموعي طور ڏسجي تہ توحيد جي تشريح ۽ توضيح خاطر فتحيہ جو مصنف رسالہ قشيريہ، کشف المحجوب ۽ مرصاد العباد مان هڪ وقت استفادو ڪندي نظر اچي ٿو.

مٿين ڪتابن کان علاوه جنهن ٻئي ڪتاب يا صوفي عارف جو نالو ملي ٿو، اهو فريدالدين عطار آهي، جنهن جون شاعريءَ ۾ ڪيتريون تصنيفون آهن ۽ نثر ۾ سندس مشهور تصنيف تذڪرة الاوليا آهي، فتحيہ جو مصنف 'تذڪرة الاوليا' جا حوالا بہ ڏئي ٿو ۽ ان مان استفادو ڪندي نظر اچي ٿو. ليکن ان کان علاوه شاعريءَ ۾ هو عطار جي 'منطق الطير' مان گهٽي شاعري خاص طور چئن خليفن جي شان ۾ مدحيہ اشعار اتان منتخب ڪري ٿو. فارسيءَ جي ٻين وڏن صوفي شاعرن مان مولانا روميءَ جي ديوان شمس

www.maktabah.org

تبريزي، شيخ سعدي، خواجہ عبدالله انصاري، حافظ شيرازيءَ جا اشعار حوالي طور ملن ٿا.

اهڙيءَ طرح فتحيہ جي باب تيرهين 'فتح بابت انسان' ۾ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ ڏانهن منسوب رسالي 'الهامات غوث' منجهان گهڻ ۾ گهٽ پنج ڇهہ حوالا ملن ٿا، جن جي نشاندهي اسان تشريحي حوالن ۾ ڪئي آهي.

هينئر اسان 'مرصاد العباد' ۽ 'فتحيہ' جي ڪن بابن جو تفصيلي تجزيو پيش ڪريون ٿا:

فتحيہ جو باب اٺون 'فتح بابت ظاهري ۽ باطني حڪمران' مرصاد جي باب پنجم فصل اول تان ورتل آهي.

بادشاهہ جون ٽي حالتون ڏسو سنڌي ترجمو صفحو 227 'فتحيہ' ۾ اصل فارسي عبارت هن ريت آهي:

> عزيز مِن، بادشاه راسه حالت است. اول با نفس خويش، دوم بارعايا، سيوم با خداوند خويش و در هر حالت از حضرت عزت سه چيزما موراست و به سه چيز نهى. به عدل و احسان وايتاءَ ذى القربىٰ مامؤراست و نهى است ازفحشاءَ منكر و بغى.
>
> حالت اول كه بادشاه را با نفس است عدل حاصل كردن توحيد است نفس خويش را، و احسان از عهدهء فرايض بيرون آمدن است، وايتاء ذى القربىٰ رعايت حقوق جوارح و اعصا است و معانداه نفس و مراقبئه دل و حفظ حواس ظاهر و باطن تا هريک كه بدان مامور است استعمال نمايد و از آنچه نهى است ممنوع دارد كه فحشاءَ و منكر و بغى افعال اقوال و احوال ناپسنديده و نا شائسته است كه ازان ظلمت و حجاب و بعد خيزد، و صفات ضميمه متولد شود چون دروغ و غيبت و بهتان و دشنام وزنا او فسق و فجور و

www.maktabah.org

ظلم و مانند آن. تا سلطان اول داد بادشاهی خاص ندهد بحق بادشاهی عام قیام نتواندنمود.

مثيون اقتباس جيئن جو تيئن 'مرصاد العباد' مان ورتل آهي. ان ۾ صرف هڪ به ڏکيا لفظ چڏي سولا لفظ وڌل آهن.

هن کان اڳين عبارت فتحيه ۾ هن ريت شروع ٿئي ٿي:

حق تعالیٰ اطاعت بادشاه عادل با اطاعت خویش مسلوک ساخته است اطیعو الله اطیعو الرسول و اولي الامرمنکم.

جيڪڏهن مرصاد جي صفحي 434 کي ڏسبو ته صرف هڪ جملي کي چڏي وري اها ساڳي عبارت بلکل ائين ملي ٿي، جيڪا کيترن صفحن تي ڦهليل آهي. جنهن ۾ ساڳيون قرآن جون آيتون ۽ حديثون اچن ٿيون جن جي نشاندهي اسان تشريحي حاشين ۾ ڪئي آهي. مرصاد جو اهو باب پنجم- فصل دوم آهي.

پادشاه چون شبان است و رعيت چون رمه...

يعني بادشاه ڏنار وانگر آهي ۽ رعيت ڏڻ وانگر آهي. اها تشبيهه به مرصاد مان ورتل آهي، جيڪا ان جي صفحي 438 تي آهي.

ليکن هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته فتحيه جو مصنف 'مرصاد' ۾ آندل شاعري کي ڪتب کونه ٿو آڻي، جيئن هن فصل ۾ پڻ هن شيخ سعدي جا شعر آندا آهن يا پنهنجي شاعري آندي آهي، پر 'مرصاد' ۾ آيل شاعريءَ کان پاسو ڪيو آهي.

فتحيه جو باب ڏهون مريديءَ جا شرط ۽ آداب' گهٽي پاڳي مرصاد جي فصل دوازهم دربيان احتياج بذکر و اختصاص بذکر لااله الا الله تان ورتل آهن. مرصاد ۾ اصل فارسيءَ عبارت هن ريت آهي:

قال الله تعالیٰ فاذکرونی اذکرکم وقوله اذکرالله ذکراً کثیراً لعلکم تفلحون' وقال النبی ﷺ 'افضل الذکر لا اله الا الله بدانکه حجب روندگان

www.maktabah.org

نتیجئه نسیان است، و نسیان بدان سبب بود که در بدایت فطرت چون وجود روح پدید آمد عین وجود او دوگانگی ثابت کرد میان او و حضرت، تا اگرچه گ والضدان لایجتمعان.

تعلق روح بقالب... جاءَ الحق وزحق الباطل...اما. اختصاص بذکر لا اله الاالله آن است... ذکر بی شرکت اینجادست دهد.

حقیقت شهد الله انه لا اله الاهو' اینجا ظاهر شود اشارت (یوسف) حسین رازی که گفت 'ماقال احدالله الاالله' اینجا مفهوم گردد.....چنانکه میگویند

آفرینش راهمه پي کن به تیغ لا اله
تاجهان صافي شود سلطان الاالله را

مٿیون اقتباس 'مرصاد' ۾ جیئن جو تیئن فصل دوازدهم ۾ آهي، البت ان جي وچ۾ هڪ شعر نہ آندو ویو آهي، لیکن آخري شعر بلکل مرصاد وارو آهي. اڄتي هلي مرصاد العباد کتاب جو نالو کٹندي، ان جي آندل رباعي کي به حوالي طور آٹي ٿو جیکا هن ریت آهي:

مردان رهش زنده بجاني دگرند
مرغان هواش ز آشیاني دگرند
منگر تو بدید ایشان که ایشان
بیرون ز دوکون درجهان دگرند

انهيءَ ساڄي مرصاد جي باب سیم جي فصل نهم جنهن جو عنوان 'دربیان احتیاج بشیخ در تربیت انسان و سلوک راه یعني انسان لاءِ شیخ جي تربیت جي ضرورت بیان ڪئي آهي، مرصاد وارو مواد آندل آهي. اڄتي مرصاد ۾ آندل به حکایتون جن مان هڪ جو تعلق شیخ ابوبکر جیکو خراسان جي ولایت جام جو هو، اها بیان ٿیل آهي ۽ بي حکایت مرصاد جي مصنف نجم الدین دایہ

www.maktabah.org

جي مرشد مجددالدين بغدادي ۽ بابت آهي، جيئن جو تيئن بيان ٿيل آهي، مطلب تہ اهو سمورو مواد سواءِ چند شعرن ۽ ڪن سٽن جي سڀ جو سڀ ساڳيو آهي.

اڳتي 'فتحيہ' ۾ صفحي 343 تي جيڪي 'سالڪ جون صفتون' ڄاڻايل آهن، اهي وري مرصاد جي باب چهارم فصل سيم تان ڪنيل آهن، اصل فارسي عبارت جيڪا فتحيہ توڙي 'مرصاد' ۾ آهي، اها هن ريت آهي:

'روندگان اين راه دوقسم اند: سالكان و مجذوبان، و مجذوبان كساني اندكہ ايشان را بكمند جذبہ بربايند و برين مقام بتعجيل بگزر انند در غلبات شوق...

هن كان پوءِ مقامات جو ذكر هن ريت آهي:

ابتدا كہ بر مقام صفات خاك عبور افتد...
در دوم مرتبہ كہ برصفات آبي گذركند...
در مرتبہ سيوم كہ برصفات هوايي گذركند...
در مرتبہ چهارم كہ برصفات آتشي كہ گذركند...
در مرتبہ پنجم چون برصفات افلاك و اجرام سماوي گذركند...
در هفتم مرتبہ كہ برصفات حيواني عبورافتد...
و اين همہ مرتبہ عالم بود از عوالم مختلف كہ بيان شد باقي چندين هزار عالم ديگر سالك را عبور مي بايدكرد...

هن كان اڳتي بہ مرصاد وارو ساڳيو مواد آهي، البت وچ ۾ آيل اشعار ڪٽيل آهن، ليڪن بہ ٽي شعر ساڳيا مرصاد تان ڪنيل آهن جن جي نشاندهي تشريحي حوالن ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

فتحيہ جي صفحي 359 كان شروع ٿيندڙ مريدي ۽ جا شرط ۽ ادب پڻ مرصاد جي باب سيم فصل يازدهم تان ڪنيل ڏسجن ٿا. ان جو آغاز قرآن شريف جي ساڳي آيت ۽ حديث مبارڪ سان ٿئي

www.maktabah.org

ٿو. مريد لاءِ مرشد جو جواز روحاني بيماريءَ جو هجڻ ٻڌايو ويو آهي، جيڪو پڻ مرصاد واري ڏنو آهي، اڳتي هلي 'مريديءَ جا لوازمات' تحت سڀ کان پهرين توبه جو بيان ساڳيو مرصاد وارو شروع ٿئي ٿو جيڪو هن ريت آهي:

اول مقام توبه است..... دوم زهدست
سيم تجريد است... چهارم عقيدت است...پنجم تقويٰ است
ششم صبراست...هفتم مجاهده است...هشتم شجاعت است...
نهم بذل است...دهم فتوت است... يازدهم صدق است...
دوازدهم علم است... سيزدهم نياز است...
چهاردهم عياري است... پانزدهم ملامت است...
شانزدهم عقل است...هفدهم ادب است...
هزدهم حسن خلق است... نوزدهم تسليم است...
بيستم تفويض است...

هي سڀ صفتون ءِ انهن جو تفصيل اهو ساڳيو مرصاد وارو آهي.

اهڙيءَ طرح فتحيه جي باب تيرهين 'فتح بابت حقيقت روح' جو گهٽو مواد مرصاد جي باب چهارم دربيان معاد نفوس سعدا واشقيا' تان ورتل آهي بلڪ ان جي فصل اول، دوم، سوم ءِ چهارم جي مختلف هنڌن تان اقتباس جي صورت ۾ ڪنيل آهي، مثلاً شقي ءِ اشقيٰ وارو بحث فصل چهارم ۾ اچي ٿو، نفس لوامه، ملهمه، اماره جو بحث فصل اول ۾ آهي، ائين روحن جي ڇئن صفتن جو بيان به فصل اول ۾ آهي، صوفي هر گهڙيءَ نئون جنم ونندو آهي اهو به فصل اول ۾ آهي، ساڃي پاسي وارا ءِ ڪابي پاسي وارو اهو بحث به فصل اول ۾ آهي.

'فلسفين جي غلطي' وارو بحث فصل سيم ۾ ملي ٿو، ليڪن

www.maktabah.org

جڏهن ٻار ڄمندو آهي تہ سندس حجاب مضبوط نہ هوندا آهن ۽ ان کان پوءِ ڪن ٻانهن جا حجاب الله تعاليٰ ازخود هٽائي ڇڏيندو آهي وارو بحث مرصاد جي باب سيم جي فصل اول تان ورتل آهي.

اهڙيءَ طرح فتحيہ جي ساڳي باب ۾ 'ذڪر جا ادب' مرصاد جي 'فصل سيزدهم' تان ورتل آهن. البت ڪن جاين تي سولن لفظن جو انتخاب ڪيو ويو آهي. 'فتحيہ' ۽ 'مرصاد' ۾ اهو مواد هن ريت آهي، 'بدانکہ ذکر بي آداب و شرايط نگويد کہ آن فائده نہ بخشد- اول بايد کہ تلقين از شيخ کامل...

و بوقت ذکر غسل بايد کرد يا وضو البت کند وجامہ پاک پوشد و خانہ خالي و تاريک و نظيف راست کند- اگر باشد خوشبو بکار برد بقبلہ آرد و مربع بنشيند...

درکلمہ 'لا اله الاالله' بقوت تمام بگويد... واز ولايت شيخ بهمت مدد ميطلبد و بنفي لا اله پيوند ماسوي الله، را باطل و بيخ محبت غير از دل بيرون انداز و بتصرف 'الاالله' محبت حق را قايم مقام آن محبت ميگرداند.

هن کان اڳتي وري 'مرصاد' جي فصل چهاردهم مان اقتباس شروع ٿئي ٿو جيڪو هن ريت آهي:

بدانک ذکر تقليدي ديگر است و تحقيقي ديگر... لا اله الا الله ينبت الايمان في القلب... کمانيبت الماء البقلة... و شرط تلقين آنست کہ مريد بوصيت شيخ سہ روز روزه دارد... و بعد ازسہ روز غسل کند بفرمان حضرت شيخ چانکہ... تؤتي اکلها کل حين باذن ربها...

'فتحيہ' جو يارهو باب 'مرشد جو مقام ۽ ان جا شرط' وري مرصاد جي باب سيم جي فصل دهم تان ورتل آهي ۽ ان جو آغاز قرآن شريف جي هن آيت سان ٿئي ٿو:

www.maktabah.org

فوجدا عبدا من عبادنا..... اليٰ لدّنا علما.

ان کان پوءِ ساڳي حديث ڏنل آهي ۽ ان کان بعد ساڳي مرصاد واري عبارت ڏهرايل آهي ۽ مرشد لاءِ جن ويهن وصفن جو هئڻ ضروري ڄاتو ويو آهي، اهي بلڪل ساڳيون مرصاد تان ورتل آهن.

جيئن اسان اڳ ۾ عرض ڪيو تہ فتحيہ جو مصنف شاعري جو اعليٰ ذوق رکندڙ آهي ۽ 'فقري' يا 'فقيري' جي تخلص سان جابجا پنهنجا ڪيترا اشعار آڻي ٿو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي پڪ سان سندس آهن، ان لحاظ سان سندس پهريان اشعار نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ نعتيہ شعر آهن جن کي ڪاتب غزل ڪري لکيو آهي ۽ ان جو مطلع هن ريت آهي:

آن شاه سرير قاب او ادنيٰ
وآن ماه منير وهو بالافق الاعليٰ
وآن سرور کونين خداوند محبت
محبوب تر از جمله بدرگاه معلا
آن داور دارين شهنشاه رسالت
سلطان سلاطين بر او رنگ او ادنيٰ

آخري مقطع ۾ پنهنجو تخلص فقري هن ريت آڻي ٿو:

چون ميم شد از حمد 'فقري' توجه
گوئي اين راز نهاني است، نشايد افشا

هنن شعرن مان شاعر جي ڪمال عقيدت ۽ محبت کان سواءِ سندس زباندااني، تخيل ۽ فڪري پختگي جو اندازو ٿئي ٿو، 'فقري' جا ٻيا اشعار نبي ڪريم ﷺ جن جي معراج واري ذڪر جي سلسلي ۾ آهن، جتي هو تخيل جي چوٽيءَ تي نظر اچي ٿو، ۽ سندس فارسي زبان تي عبور جو مڪمل اظهار پڻ محسوس ٿئي ٿو، هو چوي ٿو:

www.maktabah.org

زسايہ مهر مهرويان كہ تابنده است بربستان
جمال گلستان بنگر كہ آورده بهاري خوش

آخري شعر هن ريت آهي:

همه اسباب خوشحالي در اين مجلس مهيا شد
بيا فقري تماشا كن بفضل ايزد نگاري خوش

انهيءَ ساڳي باب ۾ اڳتي جيڪي سندس شعر آهن، اهي ترنم ۽ موسيقي، عشق ۽ محبت جا اظهار جي لحاظ کان نهايت قابل غور آهن، هو چوي ٿو:

طلب جنان ندارم حقا بغير جانان
مارا نصيب گردان يارب جمال جانان
در دوزخ ار بدارند بدوست خود چہ شوق است
هيهات گر نباشد درخلد روي جانان
گردر بهشت آري يا در جحيم باشد
صد شوق ذوق دارد دل باجمال جانان
معني بهشت دوزخ معلوم نيک كردم
دوزخ بهشت باشد در هجر و جمال جانان
در هر مكان كہ دارند ازجان و دل رضا ده
فقري اگر تو باشي طالب رضائي جانان.

جيئن مٿين شعرن مان معلوم ٿئي ٿو ۽ اڳتي آيل ٻين كيترين مثنوين توڙي بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو شعر جي بنيادي لوازمات يعني رديف قافيي ۽ ڪٽي ڪٽي وزن وغيره جو بہ خيال نٿو ڪري جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هن جو مقصد شاعري ڪرڻ يا پاڻ کي شاعر مجرائڻ ڪونہ هو.

بهرحال آخر ۾ ايترو چوڻ ضروري آهي تہ سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ هن ڪتاب كانسواءِ هرگز مكمل نٿي سگهي ها.

ڈاڪٽر عبدالغفار سومرو

www.maktabah.org

وضاحت

هن ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو، فاضل دوست محترم سعيد احمد پٹو صاحب ڪيو آهي، ان سان گڏ هن احاديث جي تخريج پڻ ڪئي آهي.

ليڪن ان ڪانسواءِ صوفين جي ڪن قولن يا انهن جي روايتن سان بيان ٿيل حديثن بابت مواد ڪي ايڊٽ ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح نظرثاني ڪندي معلوم ٿيو تہ ڪن هنڌن تي ڪي حصا ۽ اشعار ترجمي کان رهجي ويل هئا، جن کي اسان ترجمو ڪري شامل ڪيو آهي. اسان نظرثاني ڪندي ڪتاب جا اصل عنوان جيڪي 'فتح' جي عنوان سان ڏنل هئا، انهن کي برقرار رکيو آهي، مثلاً 'فتح بابت توحيد'، 'فتح بابت حق' ۽ 'حقيقت' وغيره.

هن ڪتاب جي ترجمي تحقيق ۽ ڇپائي جي مرحلن ۾ ڪيترا سال صرف ٿيا آهن، تاهم ان جو بنيادي محرڪ محترم قاضي شوڪت علي قريشي رهيو آهي، جنهن سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبر جي حيثيت ۾ ان جي ترجمي کي تيزيءَ سان اُڪلائڻ طرف ڌيان ڏنو، ان سان گڏوگڏ منهنجو ڌيان ب ڇڪائيندو رهيو ۽ مختلف مواد ۽ ڪتاب پڻ موڪليندو رهيو، جنهن سان ڪم ۾ گهٽي سولائي محسوس ٿي ۽ وڏو بار آسان ٿي پيو.

بهرحال هن ڪتاب جي آخري مرحلي ۾ ڇپائي ۽ ان جي تڪميل جو سهرو مخدوم نوحؒ جي خاندان جي فرد محترم مخدوم

www.maktabah.org

جميل الزمان صاحب کي ئي حاصل ٿيٽو هو جو سندن چيئرميني جي عرصي دوران هي ڪم پايئ تڪميل تي پهچي رهيو آهي. هن سلسلي ۾ سندي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري سيد زوار حسين شاهه نقوي پڻ پنهنجي ڪوششن ۾ نه گهٽايو، جنهن ڪري اشاعت ۽ خاص طور مواد کي درست ڪري ٻيهر ڪمپوزنگ جا مرحلا آسانيءَ سان طي ٿي سگهيا.

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

اسلام آباد
27 ذوالحج 1431هـ
بمطابق 4- ڊسمبر 2010ع

www.maktabah.org

’رسالہ فتحيہ‘ ۾ آڳاٽا نايابسنڌي بيت

بيتن ۾ تصنيف ٿيل رسالن ۽ بين ڪتابن کان سواءِ بہ ڪن آڳاٽن قلمي ذخيرن ۾ ڪي سنڌي بيت لکيل آهن جن جو دستياب ٿيڻ سنڌي بيتن توڙي انهن ۾ سمايل معنيٰ ۽ فڪر جي مطالعي لاءِ نيڪ فال آهي. هن کان اڳ هينئين چئن ماخذن مان اهڙا نايابب بيت چونڊي شايع ڪيا ويا آهن: شاهہ جا رسالا قلمي، ڪتاب مثنوي زيبانگار، ڪتاب يوسف زليخا ۽ پير سائين حضرت سيد محمد راشدؒ جي ’ملفوظات مجمع الفيوضات‘. (ڏسو سنڌ ماٽڪ موتي تنظيم جو ڪتاب ’ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم‘. پاڳو ٻيو، سال اشاعت 2002ع).

هاڻي هن سلسلي جو هڪ ٻيو فارسي قلمي ڪتاب دستياب ٿيو آهي جنهن جي ورقن جي حاشين تي ڪي سنڌي بيت لکيل آهن. هي فارسي قلمي ڪتاب ’رسالہ فتحي‘ (يا ’رسالہ فتحيہ‘) آهي جيڪو حضرت مخدوم نوحؒ جي پوٽي، مخدوم فتح محمد بن مخدوم امين محمد (اول) سنہ 1019ھ (1615-1616ع) ۾ تصنيف ڪيو، هيءُ ڪتاب مخدوم صاحب جن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ هو ۽ ست سال کن اڳ جڏهن مولوي دين محمد وفائي ڪتاب ’سفينة النوح‘ لکيو تڏهن رسالہ فتحي سندس آڏو هو. پڻ ٻئي هڪ بزرگ جي ڪتاب ’الدر المنظوم في تذكرة المخدوم‘ ۾ رساله فتحي جا حوالا ڏنل آهن، ڪجهہ وقت اڳ راقم ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري، هالن پراڻن جي علمي ادبي شخصيت قاضي شوڪت علي صاحب کان هن ڪتاب بابت پڇا ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ اصل رسالو جيڪو مخدوم صاحب جن وٽ هو سو ناپيد آهي. ان بعد تازو (27- جون 2003ع جي آخر ۾)، شوڪت علي صاحب جي ڪوشش سان هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو دستياب ٿيو جيڪو

www.maktabah.org

ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ۽ محترم سليم الله صديقيءَ جي معرفت مون تائين پهتو.

مطالعي مان معلوم ٿيو ته هن قلمي نسخي ۾ پهران ست ورق موجود نه آهن ۽ چئي نٿو سگهجي ته شروع ۾ فاضل مصنف هن ڪتاب جي تصنيف ۽ ان جي نالي بابت ڇا لکيو. بهرحال مصنف پاڻ عالم عارف هو ۽ هيءُ ڪتاب پنهنجي جد امجد جي رشد ۽ هدايت کان متاثر ٿي لکيائين. هن ڪتاب ۾ هڪ سڄو باب مخدوم نوحؒ جي مناقبن بابت آهي جنهن ۾ سندن سوانح ۽ مفلوظات آهن. ان باب کان سواءِ پڻ ٻين جاين تي سندس ذڪر آهي پر هي ڪتاب نه ته جناب مخدوم نوحؒ جي سوانح بابت آهي ۽ نه وري سڄو سندس ملفوظات بابت! ڪتاب جي بابن جي عنوانن توڙي موضوعن مان ظاهر آهي ته مصنف هي ڪتاب تصوف ۽ عرفان جي اهم موضوع تي لکيو. عنوانن ۾ 'باب' بدران مصنف 'فتح' جو لفظ آندو آهي. 'باب' جي معنيٰ دروازو آهي ۽ 'فتح' جي معنيٰ ان دروازي جو کلڻ. پڻ 'فتح' جي عنوان ۾ مصنف جي پنهنجي نالي (فتح محمد) واري ظاهري مناسبت آهي، ۽ ان لحاظ سان ڪتاب جو نالو به 'رسالہ فتحي' ٿيو. تصوف ۽ عرفان جي حوالي سان، فتح ۽ فتوحات معنيٰ الاهي رازن جو کلڻ، روحاني وارداتون ٿيڻ، يا نوان مقام حاصل ٿيڻ.

صوفياء ڪرام جي اصطلاحن ۾ فتوحات غيبي جي اهائي معنيٰ آهي. 'فتح' جي عنوان وارا هن ڪتاب جا جملي باب 'فتوحات' آهن. يعني تصوف ۽ عرفان جي رازن رمزن واريون واردات آهن.

موجوده نسخي جا پهريان ست ورق ڪٽل آهن پر انهن ورق تي ۽ اڳتي جيڪو موضوع هلندڙ آهي سو توحيد آهي جنهن مان چئي سگهجي ٿو ته ڪتاب جو پهريون باب 'فتح دربيان توحيد' هو. ان بعد پيا هيٺيان باب موجود آهن. فتح دربيان حق، فتح دربيان حقيقت، فتح دربيان مناقب و مدارج ياران ڪرام، فتح دربيان معراج، فتح دربيان نبوت انبياء و ولايت، فتح دربيان خداوندان

www.maktabah.org

فرمان ظاهر و باطن، فتح دربيان شيخي و مريدي، فتح دربيان مناقب غوث الحق والدنيا والدين (مخدوم نوحؒ)، فتح دربيان انسان، فتح دربيان محويت، فتح دربيان هستي و نيستي، وجود و عدم و بقا و فنا، فتح دربيان سلوک، فتح دربيان معرفت نفس ۽ فتح دربيان عشق و محبت، جنهن جي پويان کتاب جا ورق ڪٽل آهن.

هنن بابن جي عنوانن مان ظاهر آهي تہ، مجموعي طور سان، هيءُ کتاب تصوف بابت آهي. صوفياء ڪرام ۽ سندن تصنيفات کان مصنف باخبر آهي. ابوسعيد خراز، خواجہ عبدالله انصاري ۽ بين جا قول نقل ڪيا اٿس ۽ تصوف جي ڪتابن جهڙوڪ: رسالہ قشيريہ، ڪشف المحجوب، تذڪرہ الاولياء، عوارف المعارف وغيره جا حوالا ڏنا اٿس. هتان جي عارفن مان شيخ رڪن الدين (ملتان)، پنهنجي جد امجد مخدوم نوحؒ، بهاؤالدين دلق پوش (گودڙيو) وغيره جا قول بيان ڪيا اٿس. مخدوم نوحؒ جي مناقب واري 'فتح' (باب) هيٺ حاشين ۾ رسالہ بهاؤالدين دلق پوش ۽ 'رسالہ ميان منہ درويش' جا حوالا آندا آهن.

وڌيڪ تفصيلي مطالعي سان هن ڪتاب جي اهميت وڌيڪ واضح ٿيندي. شروع واري باب ۾ 'توحيد' باب تفصيلي وضاحت ۽ بين بابن هيٺ سلوڪ ۽ عرفان جي بين موضوعن ۽ مقامن جي سمجهائٽي مان نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ سڄ ۾ تصوف جي موضوع تي هيءُ پهريون جامع ڪتاب آهي.

ڪتاب جي زيرنظر قلمي نسخي جي ڪتابت مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي نسخو ڪنهن ڪاتب 12- صدي جي آخر ڌاري لکيو. ڪن ورقن جي حاشين ۾ عبارتون لکيل آهن جن مان ڪي اهڙا اضافا آهن جيڪي ڪتاب جي موضوع سان تعلق رکن ٿا ۽ انهيءَ لحاظ سان گهٽو ڪري اها اضافا مصنف پوءِ پاڻ ڪيا. ٻيا اضافا سنڌي يا فارسي بيتن جا آهن. سنڌي بيتن جي ڪتابت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو، تہ اهي جدا ٻئي قلم سان ڪيل آهن. يعني تہ ڪتاب جي ڪتابت جي قلم جا ناهن پر پوءِ جا ڪيل آهن.

www.maktabah.org

اهي بيت 12- صدي هجري جي آخر ڏاري حاشين تي لکيا ويا. هڪ بيت سينگار شاعري جي موضوع جو آهي جنهن کي 12صدي جي وچ ڏاري وڏي سگهڙ شاعر جلال ڪنيءَ پنهنجي بيتن ۾ اوج تي پهچايو. هو جمن چارڻ جو همعصر هو، جنهن سنہ 1252ھ ۾ وفات ڪئي.

ڪتاب ۾ ڪن ورقن جي حاشين تي جيڪي سنڌي بيت يا بيتن جا ڪي الفاظ لکيل آهن تن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي:

[1]

چيتاري چونڊياس، ڳالهيون کي سڃڻين،
جه منهن مقابل ٿياس، تہ سيئي وييون وسري.

'توحيد' واري فقط "تہ سيئي وييون وسہ ..." لکيل آهي. هيءُ بيت شاهہ جي رسالي جي معياري متن ۾ سر رپ جي پهرئين داستان جو بيت آهي.

[2]

ڳالهيون پرين، تنهنجيون .....
توحيد واري باب جي هڪ ورق ۾ ڪنهن بيت جا فقط اهي لفظ لکيل.

[3]

جا پريان جي پهتَ عقل ات نہ آيو.
توحيد واري باب جي هڪ ورق تي ڪنهن بيت جا فقط اهي لفظ لکيل.

[4]

موکي هن مَٽن سين، کا جا ڪيئي پَتِ
پَسئو پَرِ شراب جي، منجهئو وجي مت

[5]

سيئي ويئي وسري عقل .....
کان پي پري تنهنجو مقام .....

[6]

موکي هن مٽن سين، کو جو قهر ڪِئوءِ

www.maktabah.org

متارا محتاج تو، توڙي وڃي سِرُ نئوءِ

مٿيان ٻئي بيت پڻ توحيد واري باب جي ورقن تي لکيل. کيئي (کي ئِي)، يعني کَئِي؛ پت= ريت، اٽکل.

بيت نمبر-5 جي آخري ست جي شروع ۾ 'تو' جو لفظ آهي جيڪو صحيح ناهي؛ پڻ هن سِٽ جي آخر وارو لفظ صاف لکيل ناهي. شاهه جي رسالي ۾ 'موکي' وارو موضوع سر يمن جي داستان-6 ۾ آهي. ڇئي نٽو سگهجي ٿو هي بيت ڪنهن جا آهن. ٽي سگهي ٿو ته مصنف جا هجن.

[7]

ايئي سلطان اُيي وڏي سنهڙا

پاڻ کي پاڻ لهي پاڻ سجاڻي پاڻ

هي بيت 'حقيقت' واري باب جي هڪ ورق جي حاشيي ۾ لکيل آهي ۽ ٿوري فرق سان، شاهه لطف الله قادري جي رسالي جي بيت سان ملي ٿو.

[8]

قالب قصر سونهن سَرُ دوئي رهي جت

پرين ري پروڙيو تتِ، ايئن کين پسجي پيهي

هي بيت 'حقيقت' واري باب جي هڪ ورق تي مٿئين بيت جي هيٺان لکيل آهي.

-- پهرئين سِٽ، شاهه جي رسالي معياري متن سرڪلياڻ جي داستان-2 هيٺ انهيءَ عنوان سان ڏنل ڇهن بيتن مان آهي، پر بدليل آهي. رسالي ۾ هن طرح آهي ته:

طالب قصر، ست، تني ڪچئو کينکين.

-- بي سٽ ڪنهن ٻئي بيت جي ٽي سگهي ٽي؛ اها پڙهڻي توڙي معنيٰ ۾ صحيح ناهي. هيٺيان چارئي بيت پڻ 'حقيقت' واري باب جي ورقن تي لکيل آهن ۽ ٽي سگهي ٿو ته مصنف جا چيل هجن.

[9]

متان پائين کين، ٻيو سيوئي الله

www.maktabah.org

حقيقتاً هيڪڙو هُن ڪَرِ ڪَرِ هُو

[10]

جيئين تيئن ڏٺو جيڏئين جنه پر ڏٺو ماءُ
هوند ڪريئين ڪورئا ڪِر ورنيءَ سَاءُ

[11]

جنين تارا جهيئا ايربو سو سج
سڃو ٽئو سوجهرو چوکو ڃائو ٻج

[12]

جِيئن ڏهسن ڏيا جيپيا ايرئو پرم
پا پَتَ پَارُون اٽرين جن ڃاتو ڏرم

پهرين ست ۾ ڏهسن (ائين) آهي: ٽي سگهي ٿو ته اصل ۾ ڏهه سَنِ هجي يعني ڏهين سن ۾ (مخدوم نوحؒ ڏانهن اشارو). هن ست ۾ بي ست جي آخر وارا لفظ اصل ۾ 'پرم' ۽ 'ڏرم' ڪري لکيل آهن پر شايد صحيح 'ايرم' ۽ 'اڏرم' هجن، معنيٰ وڏي شعاع وارا وڏا ستارا. سينگار شاعري ۾ 'ارڏم' لفظ آيو آهي ته:

ايريو ئي اَرڏم، جَر ٽر ڏيا جهپيا

[13]

جيڪي ڏجي جوڳيين ته سو تا نہ لوڪ
ڪڍي ڪاپڙين ڪي تيان ڏجي ٽوڪ

پهرين ست ۾ 'تسو' ڪي جيڪر 'ته سو' ڪري پڙهجي ته معنيٰ نڪرندي. هيءُ بيت 'معراج' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

'تَسُو' يعني ذرو. شايد ست جي معنيٰ ته: جيترو جوڳيين (ڪاملن) ڪي ڏجي، عام لوڪ ڪي ته ان جو ذرو به نہ جڳائي. جيڪي ڪاپڙي (وڏيڪ وڏا ڪامل) آهن، تن ڪي ته ان (عرفان) مان ڪجهه ڏجي.

[14]

جي جاڳندي من ۾ سُتي پڻ سيئي

www.maktabah.org

پَڳهيو پاڻ ڳري مَنُ پرين نيئي.
هيءُ بيت ’نبوت انبياءِ و ولايت‘ واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

[15]

ٿنگرئو نيٽين، بن اولي نہ اوهَري
سپاجهي سيٽين، ڳٽين هَٽِي ڳرو ڪئو
هيءُ بيت ’شيخي مريدي‘ واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

[16]

سيرت صورت سڃٽين ڏسان ڪونہ ٻئو
هيڪائي هيڪ ٿئو، وچا وچ وئو
هيءُ بيت ’شيخي مريدي‘ واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

[17]

چپن سندي ڳالهڙي، هنيين نہ سندي مت
هن وائي پيرُ ٻئو، وَهي نُجوئي پَتِ
هيءُ بيت ’شيخي مريدي‘ واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي. ٻي ست ۾ نِجوئي ڪري پرهجي، تہ صحيح ٿيندو: نِجو يعني جدا يا خالص، ٻيءَ طرح، ٻيءَ پت.

[18]

آيل سندي سڃٽين وائيءَ سَئو وَرَن
رُئاري رَتَ قڙا اندر وڍي وَمُ (ويوم)
هيءُ بيت ’شيخي مريدي‘ واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي. ٻيءَ ست جو آخري لفظ ’وَمَ‘ ائين لکيل آهي. قافيو پورو نہ آهي، پڻ معنيٰ غور طلب آهي.
هينيان چارئي بيت انسان واري باب جي ورقن تي لکيل آهن.

[19]

سالَ سِڪئوسون جَن ڪي تا سي اسيهي

www.maktabah.org

پريان پاڻ پَسائيو مون من مجهيئي

[20]

سالَ سڪاسون جن کي تا سي اسين پاڻ
سجاتوسون سپرين لٽا سپ گمان

[21]

سيرت صورت سڃٽين ڏسان ڪينَ ٻئو
هيڪائي هيڪ ٽئو وچا وِچُ وئو

[22]

سيرتَ صورتَ سڃٽين، سپ پريان جي ذات
هيڪائي هيڪ ٽئو، ويئي وچائي تات

ٻولي ۽ اسلوب بيان جي لحاظ سان، 18، 19 ۽ 21 بيت قاضي قادن جا ٿي سگهن ٿا، جيتوٽيڪ هن کان اڳ ٻئي ڪنهن ٻ ماخذ ۾ موجود ناهن. بيت نمبر 20 ممڪن آهي تہ مصنف جو چيل هجي.

[23]

جيئن چگّن سين چگّائيون ايئن مُوراهين هوءِ
جي مَنَن سين پالَ ڪَريين، تو جئن ڪري نہ ڪوءِ
ڏُئارڻ ڏوهارين کي قادرَ ڪم سندوءِ
هي بيت 'انسان' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

[24]

جتي راهہ گُم ٿيي ور ساڪاري راتِ
هي پڙِ وجي وِسَري نہ هُنَ سندي تاتِ
هيءُ بيت 'انسان' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

[25]

سيرت صورت سڃٽين ائين ڪير ٻئو
هيڪائي هيڪُ، ٽئو وچا وچُ وئو

هيءُ بيت 'معرفت نفس' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي: بيت نمبر 20 کي ٿورو بدلائي لکيل آهي.

[26]

www.maktabah.org

پُوڇڙيءَ پانڊُ ڪٽي جي جهار(ن) جبين
وڃڙئون جهُڙ وچ ۾، اڃها اوڊر ڏِين

هيءُ بيت عشق ۽ محبت جي بيان واريَ باب جي ورق تي لکيل آهي. اصل جيئن لکيل آهي، تيئن پڙهڻ ۾ مشڪل آهي ۽ وڏي ويچار کان پوءِ ان جي اها پڙهٽي سمجهه ۾ آئي آهي. هيءُ سينگار شاعري جي معنيٰ وارو بيت آهي، جنهن ۾ محبوب جي حسن جو بيان آهي. 'جهارن جبين' يعني پيشاني پَسائين.

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

www.maktabah.org

www.maktabah.org

رسالہ فتحیہ

www.maktabah.org

www.maktabah.org

باب پهريون

فتح بابت توحيد (1)

طريقت ۾ يگانو ڄاڻڻ ۽ حقيقت ۾ يگانو ۽ پنهنجو مَتُ پاڻ هئڻ "توحيد" آهي. لغت ۾ مختلف شيون هڪ ڪرڻ کي "توحيد" چئبو آهي. شريعت ۾ الله تعالي جي هيڪڙائي جي علم ۽ اعتقاد کي "توحيد" چئجي ٿو جيئن الله تعالي فرمايو آهي: فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ[2] [پوءِ ڄاڻ ته الله کان سواءِ کو معبود نه آهي.] شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ[3] [الله شاهدي ڏئي ٿو ته هڪ الله کان سواءِ کو معبود نه آهي.] اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ[4] [اڪيلي زنده، قائم رهندڙ الله کان سواءِ کو معبود نه آهي.] وَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ﴿۱۶۳﴾[5] [۽ توهان جو معبود هڪ الله آهي، جنهن کان سواءِ کو معبود نه آهي، مهربان ۽ ڀاجهارو آهي.] اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ[6] [بيشڪ آءٌ ئي الله آهيان، مون کان سواءِ کو معبود نه آهي.] لَا تَتَّخِذُوْٓا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ[7] [ٻه معبود نه ٻڌايو، دراصل توهان جو معبود هڪ آهي.] قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ﴿۲﴾[8] [چؤ ته اهو اڪيلو آهي، الله بي نياز آهي.] هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ [ڇا الله کان سواءِ کو ٻيو خالق آهي.] خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ[9] [هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي.] اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ[10] [الله اهو آهي، جنهن توهان کي خلقيو، پوءِ توهان کي روزي ڏنائين، پوءِ توهان کي ماريندو، پوءِ توهان کي جياريندو.]

---

(1) ڪتاب جو شروعاتي حصو غائب آهي.
(2) سوره محمد آيت: ۱۹
(3) سورة آل عمران آيت: ۱۸
(4) سورة البقرة آيت: ۲۵۵
(5) سورة البقرة آيت: ۱۶۳
(6) سورة طه آيت: ۱۴
(7) سورة النحل آيت: ۵۱
(8) سورة الاخلاص آيت: ۱-۲
(9) سورة الانعام آيت: ۱۰۲
(10) سورة الروم آيت: ۴۰

www.maktabah.org

انهيءَ طرح قرآن مجيد جون ٻيون آيتون، صحيح حديثون ۽ (اڪابرن ۽ بزرگن جا بيشمار) قول آهن، جيڪي الله، احد، صمد جي هيڪڙائيءَ تي دلالت ڪن ٿا، اهي مذڪوره معنيٰ تي شاهد عادل آهن. وحدت جي معنيٰ آهي، الله تعاليٰ جي ذات جي مشاهدي لاءِ تجريد ۽ اڪيلائي کي اختيار ڪرڻ. (اهو الله پاڪ) جنهن کي ان کان سواءِ ڪو نٿو ڏسي سگهي. انهيءَ اعتبار سان تجريد دنيا ۽ آخرت ۽ جيڪي ڪجهه منجهس آهي، ان کي ڇڏي ڏيڻ يا دنياوي ۽ اخروي غرضن کي ڇڏي ڏيڻ جو نالو آهي.

دنياوي، ظاهري ۽ اخروي غرضن کي ڇڏي ڏيڻ، باطني اعتبار سان آهي. ظاهري تجريد هيءَ آهي ته (ڪنهن به ڇگائيءَ جو) بدلو دنيا ۾ طلب نه ڪري، سڀ ڪجهه الله بي پرواه بادشاه جي رضا ۽ قرب لاءِ ڪري. جيڪي به ظاهري دنياوي غرض ۽ مقصد هجن، انهن کي ڇڏي ڏي. باطني تجريد اها آهي ته بالفعل يا بالقوة آخرت ۾ به نيڪيءَ جي بدلي جي طلب نه رکي. جيستائين اها ڪيفيت پيدا نه ٿيندي، ان وقت تائين "تجريد" ۽ بي رغبتي حاصل نه ٿيندي.

جيڪڏهن نيڪين جي نسبت پاڻ ڏي نه ڪري ته ان کي "تفريد" چئبو آهي. جڏهن نيڪين ڏانهن رغبت ٿئي ته ان کي الله تعاليٰ جي نعمت ۽ احسان ڄاڻجي.

غرض، نيڪ اعمال ڪرين ته ائين نه سمجهه ته ڪنهن تي احسان ڪري رهيو آهين، بلڪ ان کي پاڻ تي الله تعاليٰ جو احسان سمجهه جنهن توکي اها توفيق ۽ سگهه عطا ڪئي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي ته:

يَمُنُّونَ عَلَيْكَ أَنْ أَسْلَمُوا قُلْ لَا تَمُنُّوا عَلَيَّ إِسْلَامَكُمْ بَلِ اللَّهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ أَنْ هَدَاكُمْ لِلْإِيمَانِ[1]

[اي نبي ﷺ! اهي توهان تي پنهنجو احسان ڄاڻائين ٿا ته اسلام آندو اٿن، چؤ ته مون تي پنهنجي اسلام جو احسان نه ڄاڻايو بلڪ الله تعاليٰ توهان تي پنهنجو احسان ڄاڻائي ٿو ته انهيءَ توهان کي ايمان ڏانهن

(1) سورة الحجرات آيت: ١٧

www.maktabah.org

هدايت ڏني.]

غرض "تجريد" جي حقيقت اها آهي تہ ڪنهن بہ غرض ۽ غايت کان سواءِ، اڪيلي الله جي بندگي ڪجي ۽ "تفريد" اها آهي تہ دنيا ۽ آخرت کان بي رغبتي ۽ الله جي اطاعت جي توفيق نصيب ٿئي تہ ان کي پاڻ تي الله جي نعمت ڄاڻجي. ان کي هرگز پنهنجو فعل ۽ ڪمائي ڄاڻي، ڪنهن بہ قسم جي بدلي جي اميد نہ رکجي، پر الله تعاليٰ جي احسانمنديءَ ۾ سدائين غرق رهجي. تجريد جي صورت مان معنيٰ ۽ عمل مطلوب آهي، ڇاڪاڻ تہ بغير معنيٰ ۽ عمل جي خالي صورت بيڪار آهي ۽ تجريد جي صورت (بظاهر) حقيقت تجريد لاءِ لازم آهي، جيڪا منجهس داخل تہ آهي پر (ضروري نہ آهي تہ) لازم بہ هجي، ڇاڪاڻ تہ سببن (سان واسطو رکڻ) جي باوجود، تفريد يعني اڪيلائي ۽ نويڪلائي حاصل ٿيندي آهي. حقيقت تجريد، هن ڪري صورت تجريد لاءِ لازم نہ آهي تہ شايد بدلي ۽ اجوري ڇڏڻ جي باوجود، سالڪ ۾ اميد ۽ آس پيدا ٿئي. ساڳيءَ طرح تفريد، تجريد لاءِ لازم نہ آهي، شايد سندس فعل ۾ بي غرضيءَ ۽ خلوص نيت کي عمل دخل حاصل نہ هجي.

يا وري تجريد اها آهي تہ محب پاڻ کي محبوب ۾ غرق ڏسي ۽ ڄاڻي تہ آءٌ ڪجهہ نہ آهيان ۽ جيڪي ڪجهہ آهي، سو اهو ئي آهي. ان جاءِ تي تفريد محبوب ۾ گم ٿيڻ جو نالو آهي، پر محب پاڻ محسوس نہ ڪندو آهي تہ آءٌ گم ٿي چڪو آهيان، جنهن جي معنيٰ تہ گم ٿيل پاڻ کي (محبوب ۾) گم يعني فنا ڪري ڇڏي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ "توحيد" جي لفظ ۾ پنج حرف آهن:۱-"ت" مان ترڪ (يعني الله جي ذات بابرڪت کان سواءِ هر هڪ کي ڇڏڻ) ۲- "و" مان اَلْوِدَاعُ مِنْ جَمِيْعِ خَلْقِ اللهِ [سموري مخلوق کي ڇڏي ڏيڻ.] ۳- "ح" مان حفظ (الله جي امان ۽ حفاظت ۾ اچڻ) ۴- "ي" مان يقين (الله تعاليٰ جي ذات ۾ ڪامل يقين جو هئڻ) ۵- "د" دعوت (الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڏانهن سڏڻ) حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه جو قول آهي تہ مون کي

www.maktabah.org

اميد آهي تہ توحيد جي موجودگيءَ ۾ (گناه جو) ڪو ڪم نقصان نہ ڏيندو. جيئن شرڪ جي موجودگيءَ ۾ ڪا نيڪي فائدو نہ ڏيندي آهي. فرمائي ٿو تہ ان جو سبب هي آهي تہ برائي ڪرڻ سان توحيد ۾ نيڪي ڪرڻ سان شرڪ ختم نہ ٿيندو آهي. ڪي چون ٿا تہ توحيد اها آهي تہ هر شيءِ کان فارغ ٿي. اڪيلي الله جو ٿيءِ. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ الله تعالي مخلوق کي اهائي وات ڏسي آهي. جيڪا ڏانهس پهچائي ٿي ۾ اها ئي توحيد آهي.

توحيد جا ٽي درجا آهن: ۱- سگهہ آهر اطاعت ڪندي الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۲- سهڻي نموني سندس حڪم احڪام قبول ڪرڻ ۳- سندس رسول ﷺ جن جي رسالت جي تصديق ڪرڻ. تذڪرة الاولياءِ ۾ شيخ عبد الله جلالي چوي ٿو تہ حقيقي توحيد اها آهي تہ مولا جي محبت ۾ فاني ٿئي. تان تہ جزو (يعني ٻانهو) ڪل (يعني خدا تعالي) جي ذريعي بقا حاصل ڪري. پڙ چوي ٿو تہ بشري آثار علامتون ۽ خصوصيتون ختم ڪرڻ توحيد ۽ الوهيت ۾ فنا ٿيڻ تجريد آهي. ابو سعيد خراز فرمائي ٿو تہ توحيد جو پهريون درجو هي آهي تہ سالڪ دل ۽ دماغ مان هر شيءِ کي فنا ڪري. مڪمل طرح الله تعالي ڏانهن يڪسو ۽ هڪ طرفو ٿئي. تنهن ڪري سالڪ کي گهرجي تہ سموري مخلوق جي لڳ لاڳاپن کان آجو ۽ اڪيلو ٿئي. چاڪاڻ تہ اها ئي معني آهي "تجريد" جي ۽ "تفريد" فرد مان آهي يعني پاڻ کي ۽ پڙ سموري مخلوق کي وساري. ڏيان عرش تي هجي ۽ هر قسم جون نعمتون حاصل هجڻ جي باوجود. انهن سان ڪو تعلق نہ رکي. جيڪڏهن اهي دنياوي نعمتون حاصل نہ هجن. تڏهن بہ ٻانهو خدا کان ناراض نہ ٿئي. سندس طبيعت ۾ ڪنهن قسم جي وحشت ۽ فرار واقع نہ ٿئي. بلڪ اتلندو دنياوي شين ۽ لاڳاپن کان وحشت ۽ نفرت محسوس ٿئي.

ظاهري ۽ باطني تجريد انهيءَ مقام تي گم ٿيڻ ۽ تفريد انهيءَ مقام تي پاڻ کان اڻ ڄاڻ ۽ بيگانو ٿيڻ آهي. تانجو سالڪ کي بہ اتو پتو نہ هوندو آهي تہ آءٌ ڪنهن ۾ گم ٿي ويو آهيان. "توحيد" هيءَ آهي تہ سواءِ حق تعالي

www.maktabah.org

جي کو شعور ۾ سمجھ باقي نہ رهي. "معرفت" جي حقيقت هيءَ آهي تہ حق تعالي جي برحق هئڻ جي لاءِ دليل ۾ سندس محبت واسطي حقيقت آڏو هجي يا نہ هجي تڏهن بہ نہ ان جي وفا ۾ اضافو ٿئي ۾ منجهس کنهن قسم جي جفا پيدا نہ ٿئي. قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ سُكٰرٰى[1]

[اي ايمان وارو! توهان نشي جي حالت ۾ نماز جي ويجها نہ وجو.]

سُڪر (مدهوشي) کيترن قسمن جي آهي، جهڙوڪ: دنيا پرستيءَ جي مدهوشي، خواهشن ۾ نفس پرستيءَ جي مدهوشي، اهل عيال جي محبت جي مدهوشي، مال ۾ دولت جي محبت جي مدهوشي ۾ الله کان سواءِ مخلوق جي محبت جي مدهوشي. الله تعالي قرآن مجيد ۾ پنهنجي ٻانهپ ۾ نماز قائم ڪرڻ لاءِ اهو شرط بيان فرمايو آهي تہ غير الله کي بلڪل وساري سندس دربار ۾ اچي بيهو.

توحيد جا بہ کيترائي قسم آهن: ١- شرعي حڪمن احڪامن جي توحيد ٢- ايماني توحيد ٣- يقين جي توحيد ۴- غيبي توحيد ۵- توحيد احساني ٦- توحيد اعياني. جيستائين هر قسم جي توحيد حاصل نہ ٿيندي، ان وقت تائين سالڪ وحدانيت جي درجي تي پهچي نہ سگهندو ۾ جيستائين وحدانيت تي نہ پهچندو ان وقت تائين وحدت جي ان حقيقت تائين نہ رسندو جيڪا احديت جي سمنڊ جو هڪ ڪنارو آهي.

چون ٿا تہ حقيقي توحيد (الله تعالي جي) ذات ۾ پنهنجين صفتن کي گم ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ صفتون عقل جي سمجهہ ۾ اچڻ جوڳيون ۾ ذات تحقيق طلب ۾ حاصل ڪرڻ جوڳي هوندي آهي. دلالت جي اعتبار سان ٻنهي پاسي ذات واجب الوجود آهي. صفتون الله تعالي

(1) سورة النساء آيت: ۴۳

www.maktabah.org

جون ئي صفتون ۽ ذات الله تعالي جي ئي ذات آهي. شيخ جنيد بغدادي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته مون کي ايمان آندي پنجاه سال گذري ويا آهن، پر اڃا ان جي اسرارن ۽ رموزن کان سيرابي نه ٿي آهي. وڌيڪ چوي ٿو ته دهريا چون ٿا ته جهان جو جوڙيندڙ کو به ڪونهي. فلسفي دليلن سان ثابت ڪن ٿا ته ان جو جوڙيندڙ آهي، پر سندس نالو ۽ صفتون نه آهن. مشرڪن جو مذهب آهي ته سندس معبود الله جا شريڪ آهن. مشبه فرقي وارا اعتقاد رکن ٿا ته خالق، مخلوق ۾ رهي ٿو. يهودي ۽ عيسائي چون ٿا ته ان جي زال ۽ پٽ آهن. مجوسي اعتقاد رکن ٿا ته ان جو مٽ، مثال ۽ جوڙ آهي. جڏهن ته مؤمن (انهن مڙني باطل نظرين کان پري آهي) تعطيل کان به بيزار هوندو آهي.

تعطيل جي معني موڪل ڏيڻ آهي، يعني هي باطل نظريو رکڻ ته الله تعالي ڪائنات جو نظام ٻين جي حوالي ڪري پاڻ موڪل تي آهي.

جڏهن (مؤمن) چوندو آهي ته "الله جل جلاله" اڪيلو آهي، ان وقت اهو فلسفين جي انهن ڳالهين کان پري هوندو آهي. جڏهن چوندو آهي ته "احد" ته انهيءَ وقت مشرڪن جي روش ۽ هلت کان بيزاري ظاهر ڪندو آهي. جڏهن اَللّٰهُ الصَّمَدُ چوندو آهي ته "مشبه" فرقي وارن کان پري ۽ ايماندارن جي مذهب جي ويجهو هوندو آهي. جڏهن لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ چوندو آهي ته يهودين ۽ عيسائين جي نظرين جي باطل هئڻ جو اعلان ڪندو آهي. جڏهن وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ چوندو آهي ته مجوسين جي عقيدي جي نفي ڪندو آهي ۽ ڪلمي هُوَ جي اسرارن کان واقف ٿيندو آهي ۽ اَللّٰهُ جي ذڪر سان راحت لهندو آهي ۽ دلين کي احد جو نور ۽ عقلن کي اَللّٰهُ الصَّمَدُ جو سرور نصيب ٿيندو آهي ۽ نفس لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ جي راز کي سمجهي، فائدو ۽ فيض پرائيندو آهي ۽ كُفُوًا اَحَدٌ جي مراد کي رسندو آهي.

پڙ فرمائي ٿو ته ڪلمه هُوَ ۾ انس ۽ الفت ۽ اَللّٰهُ جي لفظ ۾ دانائيءَ جي معني سمايل آهي. لفظ اَحَدٌ محبن، اَلصَّمَدُ عارفن لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ عقلمندن ۽ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ عام مؤمنن لاءِ آهي. جيڪو الله کي ڄاڻي، اهو سالڪ آهي، جيڪو هو جي راز کي پهچي، اهو عالم آهي، جيڪو

www.maktabah.org

"احديت" جي مقام کي لهي، اهو محب آهي، جيڪو "صمديت" کي سڃاڻي، اهو عارف آهي، جيڪو لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ جو اعتقاد رکي، اهو عاقل آهي، جيڪو وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ جي تصديق ڪري اهو مؤمن آهي، جيڪو انهن سيني معنائن کي پروڙي اهو "موحد خالص" آهي.

لغت ۾ "توحيد" جي معني آهي: "شين کي هڪ ڪرڻ." توحيد جي بنياد ڇا آهي؟ ڇيو وڃي ٿو ته "توحيد ذات ۽ صفات ۾ فرق نه ڪرڻ آهي." هڪ شخص سيد الطائفه جنيد بغداديءَ کان پڇيو ته الله تعالي جي صفت بيان ڪريو. حضرت جنيد جواب ڏنو ته:

لَاشَيْءَ مَوْجُوْدٌ اِلَّا هُوَ

[انهيءَ الله کان سواءِ کابه شيءِ موجود نه آهي.]

پڻ فرمايائين ته:

اَلتَّوْحِيْدُ يَضْمَحِلُّ فِيْهِ الرُّسُوْمُ وَ يَنْدَرِجُ فِيْهِ الْعُلُوْمُ وَ يَكُوْنُ اللّٰهُ كَمَا لَمْ يَزَلْ وَ كَانَ اللّٰهُ وَلَمْ يَكُنْ مَعَهٗ شَيْءٌ

[توحيد اها آهي، جيڪا سالڪ ۾ بشري صفتون ختم ڪري ڇڏي ۽ منجهس علمن کي سمائي ڇڏي ۽ الله تعالي ائين (محسوس) ٿئي جيئن هميشه کان آهي ۽ (شروع کان رهيو) اهوئي آهي ۽ الله سان گڏ ٻي کا به شيءِ نه هئي.]

پوءِ الله تعالي لاءِ ٻانهي جي توحيد هيءَ آهي ته سندس وحدانيت جي هن حقيقت جي ڄاڻ حاصل ڪري ته ڪائنات جي هر شيءِ الله تعالي جي وجود سان قائم آهي ۽ (سالڪ) پنهنجي وجود ۾ الله کان سواءِ هر شيءِ کان بيپرواه ٿي وڃي. (هڪ سائل) پڇيو ته "توحيد جي حقيقت ڇا آهي؟" فرمايائين ته جيڪا به شيءِ هميشه قائم آهي، ان جي وجود جو مشاهدو ڪرڻ ۽ جيڪا وجود ۾ نه آئي آهي، ان کي عدم سمجهڻ.

توحيد جي معني (الله تعالي جي) هيڪڙائيءَ جو اقرار ڪرڻ ۽ ان کي اڪيلو ڄاڻڻ آهي، ڇاڪاڻ ته "مُوَحِّد" لاءِ توحيد ۾ سڃاڻپ ڪرڻ يا سڃاڻپ نه ڪرڻ ٻئي حالتون هڪجهڙيون آهن. خواجه منصور رحمة الله تعالي فرمائي ٿو ته:

www.maktabah.org

اَلتَّوْحِيْدُ حِجَابُ الْمُوَحِّدِ عَنْ كَمَالِ الْاَحَدِيَّةِ (ترجمه قشيري)

[مُوحّد لاءِ احديت جي ڪمال تي پهچڻ کان جيڪو حجاب هوندو آهي، اها ئي "توحيد" آهي.]

انهيءَ حالت ۾ ٻانهو حق جي سڃاڻپ کان سواءِ مڪاشفي ۾ هوندو آهي. (ڪشف المحجوب) ڪنهن شيءِ جي بي مثل هئڻ ۽ ان جي يڪتائي ۽ يگانگيءَ جي درستگيءَ جي حڪم لاڳو ڪرڻ کي "حقيقت توحيد" چئجي ٿو ۽ ٻانهي ۾ توحيد جي درستيءَ جي حقيقت هيءَ آهي ته اهو الله ۾ اهڙو محو ۽ گم ٿئي جو غير الله نظر ئي نه اچي ۽ اها نبين سڳورن عليهم الصلوة والسلام ۽ انهن اوليائن جي توحيد آهي، جيڪي اخص يعني خاص الخاص ۽ چونڊيل آهن.

انهيءَ اعتبار سان توحيد ٽن قسمن جي آهي: ۱- عام توحيد ۲- خاص توحيد ۳- اخص توحيد.

۱- **عام توحيد:** (ڪائنات جي) نشانين ۾ غور فڪر ڪرڻ، عقل ۽ ايمان جي روشنيءَ ۾ ظاهري سببن وسيلي حق تعالي کي تلاش ڪرڻ آهي، تانجو سڪون قلبي ۽ وحدانيت جي اثبات جو يقين حاصل ٿئي ۽ تصديق اهڙي طرح ڪري جو الله تعالي جي ذات پاڪ جا انوار ڏسي ۽ سيني (باطل) صفتن کان ڪيس پاڪ ڄاڻي، ڇاڪاڻ ته اهو هر لحاظ سان اڪيلو آهي. سندس ذات ڪائنات جي سيني شين جي عين ۽ اصل ۾ اثر ڪري ٿي. پر الله پاڪ پاڻ اثر ونڊ کان پاڪ آهي. جوهر، عرض، زمان، مڪان، جسم، تعطيل، ڪيفيت، ڪميت، حيثيت، اڳ، پوءِ، طرف، حدن، صورت، ضد، مثل، مثال، شڪل، غرض ته هر شيءِ کان پاڪ آهي. پنهنجي علم سان ڄاڻندڙ ۽ پنهنجي ڪلام سان ڳالهائيندڙ پنهنجي ارادي سان ارادو ڪندڙ پنهنجي ٻڌڻ سان ٻڌندڙ پنهنجي ڏسڻ سان ڏسندڙ پنهنجي جيارڻ جي سگهه سان جيارندڙ پنهنجي قدرت سان قادر سيني سهڻن نالن جو صاحب ۽ بلند صفتن جو مالڪ آهي. الله تعالي توکي (انهيءَ توحيد تي فائز ٿيڻ جي) توفيق بخشي.

2- **توحيد خاص:** ظاهري سببن، صورت، روح، عالم صغير يعني (هن مادي جهان) ۾ جتي حق ۽ باطل جي ڪشمڪش جاري آهي، سير ڪرڻ ۽

www.maktabah.org

پاڻ کي حق تي قائم ڪرڻ آهي. (واضح هجي تہ) آدم جي صورت معنائن جو جهان آهي ۽ سموري ڪائنات کي الله تعالىٰ جي وجود ۾ گم ڏسي ۽ موجوده شين جي شڪلين کي معدوم ڄاڻي. "توحيد خاص" ۽ "توحيد عام" ۾ فرق هي آهي تہ عام توحيد کي عقلي سببن وسيلي ڄاڻي سگهجي ٿو ۽ توحيد خاص ۾ الله تعالىٰ جي معرفت حاصل ڪري، پاڻ کي ان ۾ فنا ڪري حق سان بقا حاصل ڪبي آهي.

۳۔ **توحيد خاص الخاص:** (خاص ماڻهن جي توحيد): حق کان حق ڏانهن سير ڪرڻ آهي ۽ سير هي آهي تہ پاڪ روح کي مٿي بيان ڪيل سيني جهانن جي مٿانهين مقام کان هينانهين منزل ڏانهن شاهدن ۽ دليلن وسيلي عدم جي اونداهين ڏانهن آڻي ۽ پاڻ کي نيستيءَ جي درياءَ ۾ غرق ڪري ڇڏي. ان کان پوءِ نيستيءَ جي سمنڊ مان باهر نڪري حق ڏانهن نهارينڊو تہ ڄاڻندو تہ نيستيءَ کان هستيءَ تائين هڪ قدم آهي. ٻيو قدم ٻانهپ جي قوت تائين آهي. (جڏهن سالڪ) ربوبيت جي پرن سان فضا ۽ مرتبہ لاهوت ۾ پرواز ڪندو آهي تہ انهيءَ مقام تي هڪ پاڪ جذبو سندس جان ۽ جسم ۾ اثر ڪندو آهي. جنهن جي ڪري عاشق حقيقي حق تعالىٰ جي تجلين جي مٺاس ۽ حلاوت لهندو آهي. مُوحد يڪتا هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ عشق اهڙي يڪتائي جي تقاضا ڪري ٿو. جنهن ۾ ٻيائي نہ هجي. ان مقام کي "عشق" جو نالو ڏين ٿا. ڇاڪاڻ تہ عشق هڪ اهڙو نور آهي. جنهن ۾ غير نٿو ماپي ۽ ذات جي هستيءَ کي ڏسي ٿو.

توحيد پاڻ کي سيني ظاهري ۽ باطني غرضن کي فنا ڪري ڇڏڻ جو نالو آهي. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي تہ:

اَلْعِشْقُ نَارٌ يَقَعُ فِي الْقُلُوْبِ يُحْرِقُ مَا سِوَى اللّٰهِ

[عشق هڪ اهڙي باه آهي. جيڪا دلين ۾ ٻرندي آهي تہ الله کان سواءِ هر شيءِ کي ساڙي ڇڏيندي آهي.]

پڙ چيو ويو آهي تہ:

اِذَا تَمَّ الْفَقْرُ فَهُوَ اللّٰهُ

[جڏهن فقر پورو ٿيندو آهي تہ پوءِ اهو ئي الله آهي.]

www.maktabah.org

غزل

عشق آتش كون كه مي سوزد درون جان ما
بخار اشک اخگر افتد از ديده گريان ما
دولت عشق شد حاصل اندوه و غم شاد كرد
گنج عشقم چون رسيد آباد شد ويران ما
من بگوشه چشم هرگز ننگرم برخان چرخ
بلكه مهر و ماه ديده دوخته برخان ما
بس كه درويشي خوش آمد دل من زين زهره
بي نوائي من بخندد و پر برسامان ما
نيست ممكن زندگاني من بجز دلدارم
شد محقق در عالم جان من جانان ما
اين كه هم تجريد و هم تفريد و هم توحيد شد
نزد عارف جمله يک ركن است اين اركان ما
چون تم الفقر فقر را شد از فضل خدا
پُر غنا شد اسم و رسم و جسم و قلب و جان ما.

[عشق ڪائنات جي باه آهي، جيڪا اسان جي وجود جي اندر ڪي ساڙي ٿي. اسان جي اڪين مان ڳوڙهن جي صورت ۾ (اندر جي) ٻاڦ نڪري رهي آهي. عشق جي دولت حاصل ٿيڻ سبب، اسان جا سڀ رنج ۽ غم خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويا. جڏهن مون ڪي عشق جو خزانو مليو تہ اسان جي ويران (دل) آباد ٿي وئي. آءٌ هرگز اڪين جي نظر سان آسمان جي اڀ ڏانهن نٹو نهاريان. بلڪ سڄ ۽ چنڊ اسان جي (دل جي) گهر ڏانهن جهاتيون پائين ٿا. بس! هڪ خوش ڪندڙ درويش اسان جي دل ۾ آيو. جنهن جي ڪري دل جي ڪَلي ڦڙي پئي ۽ اها ٻهڪڻ لڳي. پر منهنجي بي نوائي ۽ مسڪيني منهنجي بي سرو ساماني‌ءَ تي ڪِلي ٿي. دلدار کان سواءِ زندگي گذارڻ ممڪن نہ آهي. منهنجا محبوب! دنيا ۾ (منهنجو نالو) اٽل ۽ دائم ٿي ويو. جنهن کي "تجريد"_ "تفريد" ۽ "توحيد" چون ٿا، عارفن وٽ اهي سڀ هڪ رکن جا اركان آهن. جڏهن فقر ڪامل ٿيندو آهي، تڏهن فقر کي الله تعالي جو فضل حاصل ٿيندو آهي. تڏهن اسان جو نالو

www.maktabah.org

نشان، جسم، قلب ۽ جان سڀ غني ۽ بي پرواه ٿي ويندا آهن.]

شيخ شبلي رحمة الله عليه کان پڇيو ويو ته توحيد ڇا آهي؟ فرمايائين ته جيڪو ان جي وضاحت ڪري، اهو ملحد آهي. جيڪو ان جي باري ۾ ڳالهائي، اهو غافل آهي. جيڪو ان ڏانهن اشارو ڪري، اهو بن خدائن جو مڃيندڙ آهي. جيڪو ان جي طرف آڱر کٽي اشارو ڪري، اهو بت پرست آهي. جيڪو ان کان خاموش رهي، اهو جاهل آهي. جنهن کي وهم ٿئي ته وصال جي دولت سان مالامال آهي، ان کي ڪجهه به حاصل نه آهي. جيڪو گمان ڪري ته الله کي قريب يعني ويجهو آهي، اهو بعيد يعني پري آهي ۽ جيڪو يائئي ته اڪيلو الله پنهنجي وحدانيت سان موصوف آهي، جنهن کي اسان پنهنجن عقلن وسيلي سڃاتو يا پنهنجن وهمن ذريعي ان کي ڄاتو ته ان حقيقت نه لڌي. جيڪو چوي ته اهو (الله) اڪيلو نه آهي ته اهو توهان وانگر مُشرڪ ۽ بدعتي آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته "توحيد" هيءَ آهي ته (الله تعالي) جي اڪيلي ذات کان سواءِ نظر ۾ ڪا شيءِ نه هجي. شروعات ۾ ان وصف کي "توحيد حالي" چئبو آهي. توحيد جي انتها اها آهي ته "عين تفرقه" يعني جدائي ۽ بي حضوريءَ جي حالت ۾ به دلجمعي ۽ حضور قلبي حاصل هجي. انهيءَ کي (الله وارا) "تفرقه" ۽ "دل جمعي" ۾ ڪو فرق نه ڪندا آهن.

توحيد جا قسم

انهيءَ لحاظ سان توحيد جا ڪيترائي قسم آهن: ۱- توحيد ايماني ۲- توحيد علمي ۳- توحيد حالي ۴- توحيد الاهي

(1) **توحيد ايماني:** توحيد ايماني هيءَ آهي:

أٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ الْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَ شَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى وَ الْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ

[مون ايمان آندو الله تعالي، ان جي فرشتن، ان جي ڪتابن، ان جي رسولن ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ (هن ڳالهه تي ته) تقدير چڱي هجي يا لڏي، الله تعالي جي طرفان آهي ۽ موت کان بعد جيئرو ڪري اٿارڻ تي.]

www.maktabah.org

انهيءَ جو زبان سان اقرار ۽ دل ۾ يقين ڪري. يعني خدا تعاليٰ ڪي هڪ چوي، هڪ ڄاڻي ۽ ان جي هڪ هئڻ جو اعتقاد رکي. انهيءَ معنيٰ کي دل ۽ جان سان مڃي ۽ الله تعاليٰ جي معبوديت تي ائين ئي ويساه رکي جيئن قرآن مجيد جي آيتن ۽ رسول الله ﷺ جن جي حديثن ۾ ان جو ذڪر آهي. اهڙيءَ طرح ڪيس ظاهري علم مطابق دل ۽ زبان سان توحيد جو اقرار حاصل ٿيندو. ان تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ سبب ڪيس ظاهري شرڪ کان نجات ملندي ۽ استقامت سان اسلام تي هلڻ جو فائدو نصيب ٿيندو بلڪ اها توحيد ٻانهي کي الله تعاليٰ جي "تفريد" تائين پهچائيندي. صوفي حضرات ايمان جي ضرورت جي حڪم هيٺ عام طور ٻين اهل ايمان سان انهيءَ "توحيد" ۾ شريڪ آهن، البت ٻين مرتبن ۽ درجن ۾ مخصوص ۽ جدا آهن.

(۲) **توحيد علمي:** هڪ باطني علم آهي، جنهن کي "علم يقين" ۽ چون ٿا. ان جو تفصيل هيءَ آهي ته ٻانهو تصوف جي طريقي جي شروعات ۾ يقين جي حد تائين ڄاڻي ته مخلوق مان ڪوبه ان وقت تائين ڪو اثر ۽ عمل بلڪل نٿو ڪري سگهي، جيستائين الله تعاليٰ جل جلاله نه گهري. سالڪ پنهنجي ذات، صفات ۽ افعال کي الله تعاليٰ جي ذات، صفات ۽ افعال ۾ گم ۽ محو سمجهي ۽ هر ذات ۽ صفات کي (الله تعاليٰ جي) نور مطلق مان فروغ ورتل سمجهي ۽ هر عڪس ۽ روشنيءَ کي "صفت مطلق" جي نور مان منور ڄاڻي. مثلاً: علم، قدرت، ارادي، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت جو اثر سمجهي، انهيءَ طريقي موجب سمورين صفتن ۽ افعال کي الله تعاليٰ جي صفتن ۽ افعال جو اثر ۽ نتيجو سمجهي. تصوف جي "توحيد" جو اهو اولين درجو آهي. انهيءَ مرتبي جي مشابه اهو مرتبو آهي، جنهن کي ڪوتاه نظر ماڻهو "توحيد علمي" خيال ڪندا آهن، حالانڪ اها توحيد علمي نه پر "توحيد اسمي" آهي ۽ اها ائين نه آهي، جو ماڻهو پنهنجي ذهانت، هوشياري، مطالعي يا سماع سان ان کي حاصل ڪري سگهي. توحيد اسمي جي معنيٰ آهي سندس ضمير ۾ علم توحيد جي صورت جو حاصل ٿيڻ. اهو مطلب نه آهي ته توحيد جي حالت جو منجهس ڪو اثر نه

www.maktabah.org

ليي. وجود جي اوندھ باقي رهڻ جي ڪري سالڪ پنهنجي علم جي تقاضن کان غافل ۽ ناواقف رهجي ويندو آهي. ان توحيد ۾ ڪن ماڻهن کان شرڪ خفي ٿي ويندو آهي.

(۳) **توحيد حالي:** اها آهي تہ مُوحد جي ذات سان توحيد جو حال ۽ صفت لازم ملزوم هجي ۽ وجود جي سمورين اونداهين جا نشان ۽ اثر بلڪل ختم ٿي وڃن. الا ماشاءَ الله ۽ سالڪ تي اها حالت غالب هجي جو هر وقت "توحيد جي نور" جي تلاش ۾ غرق ۽ بيحال هجي. "علم توحيد جو نور" سندس حال جي نور ۾ لڪيل هجي. جيئن سج جي روشنيءَ جي سامهون ستارن جي روشني غائب ٿي ويندي آهي. انهيءَ مقام تي پهچي سالڪ يا "موحد" (الله) واحد جي وجود جي جمال جي مشاهدي ۾ ايترو تہ غرق هوندو آهي. جو کيس الله تعالي جي ذات ۽ صفات کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نظر نہ ايندي آهي ۽ جيڪا بہ شيءِ الله تعالي جي نظر ۽ بصيرت ۾ هوندي آهي. اها ئي ڏسي ۽ پسي سگهندو آهي. تانجو انهيءَ "توحيد" کي پنهنجي نہ پر الله، احد، واحد جي صفت سمجهي ۽ انهيءَ ڏسڻ وائسڻ ۽ ڄاڻڻ کي بہ الله تعالي جي ئي صفت سمجهندو آهي. اهڙيءَ ريت "توحيد" جي درياءَ ۾ شامل ٿي ويندو آهي. جيئن سمنڊ ۾ پاڻيءَ جو قطرو شامل ٿيندو آهي ۽ ان ۾ بلڪل غرق ٿي ويندو آهي. جيئن شيخ جنيد بغدادي رحمة الله عليه جو قول مٿي گذري چڪو تہ:

اَلتَّوْحِيْدُ يَضْمَحِلُّ فِيْهِ الرُّسُوْمُ وَ يَنْدَرِجُ فِيْهِ الْعُلُوْمُ وَ يَكُوْنُ اللّٰهُ كَمَا لَمْ يَزَلْ وَ كَانَ اللّٰهُ وَلَمْ يَكُنْ مَعَهٗ شَيْءٌ

[توحيد اها آهي، جيڪا سالڪ ۾ بشري صفتون ختم ڪري ڇڏي ۽ منجهس علوم سمائي ڇڏي ۽ الله تعالي ائين (محسوس) ٿئي جيئن هميشہ کان آهي ۽ (شروع کان) الله آهي ۽ الله سان گڏ ٻي ڪا بہ شيءِ نہ هئي.]

پوءِ ڄاڻڻ گهرجي تہ اتي توحيد الله، احد، واحد، صمد، اڪيلي جي جمال ۾ محو ۽ غرق ٿيڻ آهي. (وڌيڪ فرمائي ٿو تہ)

وَيَكُوْنُ قِيَامُكَ بِالْوَاحِدِ لَا بِالتَّوْحِيْدِ

www.maktabah.org

[تنهنجو قيام ۽ استحكام الله واحد سان هڪ گهرجي نہ توحيد سان.]

هن "توحيد" مان مراد مشاهدي جو نور ۽ توحيد علمي مان مراد مراقبي جو نور آهي. انهيءَ توحيد ۾ بشريت جون اڪثر صفتون ۽ نشان ختم ٿي ويندا آهن. بلڪل اهڙيءَ ريت جيئن سج ٽاڪ منجهند تي ايندو آهي تہ زمين مان اونداهين جا گهٽا نشان ختم ٿي ويندا آهن. تانجو (سالڪ) "توحيد علمي" ۾ پهچندو آهي يعني ظاهري شين کي "توحيد علمي" جي نور سان ڏسندو آهي. "توحيد علمي" ۾ سالڪ جا بعض نشان ۽ صفتون ختم ٿي ويندا آهن. جيئن چنڊ ايرڻ سبب رات جي اونداهيءَ جا بعض جزا ختم ٿي ويندا آهن. مگر ان جا اڪثر جزا ۽ نشان باقي رهندا آهن ۽ اوندھ جا باقي جزا ۽ حصا وحي الاهيءَ وسيلي ختم ٿي ويندا آهن.

(۴) **توحيد الاهي:** اها آهي تہ "موحد" جي افعالن ۽ اقوالن جي تربيت ۽ تهذيب ٿئي. پوري حياتي انهيءَ نمونی گذاري. تان تہ توحيد جو حق ادا ڪري. استاد ابو علي دقاق رح جي هيٺئين قول جو بہ اهوئي مطلب آهي تہ:

اَلتَّوْحِيْدُ غَرِيْمٌ لَا يُقْضٰى دَيْنُهٗ وَغَرِيْبٌ لَا يُؤَدِّىْ حَقَّهٗ

[توحيد قرض جي هڪ اهڙي گهرج آهي، جنهن جو قرض ادا ڪري نٿو سگهجي ۽ غريب، مسڪين ماڻهو ان جو حق ادا نٿو ڪري سگهي.]

انهيءَ توحيد دوران شرڪ خفي گهٽي ياڳي ختم ٿي ويندو آهي. جيڪي خاص موحد هوندا آهن ۽ حقيقت توحيد کين نصيب هوندي آهي، انهن کي پنهنجي حياتيءَ جي حالت ۾ اوڇتو وجود جون صفتون ۽ نشان پريشان ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن بجليءَ جي جهٽڪي وانگر اهي خطرا انهن جي متان لامارا ڏيندا آهن. پوءِ وري هڪدم ختم ٿي ويندا آهن ۽ باقي رهيل نشان ۽ اثر وري موٽي ايندا آهن. انهيءَ حالت ۾ شرڪ خفيءَ جا باقي اثر بہ ختم ٿي ويندا آهن. انسان لاءِ ان کان مٿي ڪو مقام نہ آهي، الاماشاءَ الله.

غوث الشرع والدين، يعني هن فقير جي دستگير ۽ مرشد کان

www.maktabah.org

ماڻهن پڇيو تہ "جيڪو خاص موحد هوندو آهي، ان جي اندر انساني اثر ۽ نشان موڻي اچي سگهن ٿا يا نہ؟" فرمايائون تہ: "هائو! جهڙي طرح سمنڊ مان واڳون هڪ گهڙي لاءِ نمودار ٿيندو آهي ۽ انهيءَ مهل (سمنڊ ۾ ٻُڏي هڻي) هيٺ هليو ويندو آهي.

اي عزيز! حق سبحانه و تعالي شانه پنهنجي شان وحدانيت ۽ فرديت يعني هيڪڙائيءَ ۾ ازل کان موصوف آهي.

كَانَ اللّٰهُ وَلَمْ يَكُنْ مَعَهٗ شَيْءٌ

[الله تعالي هو ۽ ان سان گڏ ڪو ٻيو ڪونہ هو.]

هينئر به انهيءَ حالت ۾ آهي:

وَالْآنَ كَمَا كَانَ يَعْنِيْ لَا شَيْءَ مَوْجُوْدٌ غَيْرُ اللّٰهِ

[هاڻي به الله کان سواءِ ڪا شيءِ موجود نہ آهي.]

۽ هميشہ انهيءَ صفت سان موصوف آهي، جيئن ارشاد آهي تہ:

كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ[1]

[هرهڪ شيءِ هلاڪ ٿيڻ واري آهي سواءِ ان جي ذات پاڪ جي.]

"هالڪ" (هلاڪ ٿيڻ واري آهي) يعني هتي هن طرح نہ فرمايو ويو آهي تہ "يهلڪ" (هلاڪ ٿيندي) جنهن مان معلوم ٿيو تہ اڄ به سيني شين جو وجود، واجب الوجود يعني الله تعالي جي وجود ۾ محو ۽ ان جو متلاشي آهي. هن حالت جي مشاهدي جو حال سياڻي (يعني قيامت جي ڏينهن) محبوبن لاءِ خاص هوندو. انهيءَ کان آگاه ٿيءُ. بصيرت ۽ مشاهدي وارا تہ زمان ۽ مڪان جي تنگين کان نجات حاصل ڪري چڪا آهن. انهن جي باري ۾ الله تعالي جو اهو نقد وعدو آهي تہ:

اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا[2]

[اهي ان کي يعني قيامت کي پري ڏسن ٿا ۽ اسين ان کي ويجهو ڏسون ٿا.]

سندس هيڪڙائي جي غيرت ۽ وحدانيت جي قهر ان جي غير جي

---

(1) سورة القصص آيت ٨٨

(2) سورة المعارج آيت: ٧

www.maktabah.org

وجود کي محال ۽ ناممکن ڪري ڇڏيو آهي، اهو ئي توحيد جو حق آهي:

بيت

غير حق نيست در جهان بنگر
غيرتش غير برد از يک سر.

[ڏس! الله تعالي کان سواءِ جهان ۾ ڪا به شيءِ نه آهي، حق جي غيرت پنهنجي غير کي بلڪل برداشت نٿي ڪري سگهي.]

هڪ پيري هن فقير جي پير، دستگير مون کي فرمايو ته آءٌ شروع ۾ مماتيءَ کي حياتيءَ تي ترجيح ڏيندو هيس، مگر هاڻي الله تعالي جي فضل ۽ ٻاجهه سان کو اختيار نه اٿم. هڪ کي ٻئي کان ممتاز ۽ نروار نٿو سمجهان. يعني انهن الله وارن پاڻ کي فنا في الله ڪري هميشه واري زندگي حاصل ڪري فضل عظيم حاصل ڪيو آهي. اهو حال انهن جو هوندو آهي، جيڪي زنده دل آهن جيئن (يحيي عليه السلام جي باري ۾ سوره مريم جي پهرئين رکوع ۾ الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَكَانَ تَقِيًّا ﴿١٣﴾ وَبَرًّا بِوَالِدَيْهِ وَلَمْ يَكُنْ جَبَّارًا عَصِيًّا ﴿١٤﴾ (1)

[اهو نيڪ پرهيزگار ۽ پنهنجي پيءُ ماءَ جو فرمانبردار هو، ڏاڍو ۽ نافرمان نه هو]

اها توحيد نقصان جي انديشي کان پاڪ آهي. ان جي حقيقت سڃاڻڻ کان هي وجود عاجز آهي. شيخ عبدالله انصاري فرمائي ٿو ته:

شعر

ما وحد الواحد من واحد اذ کل من وحده جاحد

---

(1) سورة مريم آيت: ١٣-١٤

الله تعالي فرمائي ٿو ته: وجعل الظلمات والنور (الله تعالي اونداهيون ۽ روشنيون پيدا ڪيون آهن) ڄاڻڻ گهرجي ته انهيءَ آيت ۾ "نور" مان مراد "توحيد" ۽ "ظلمات" مان مراد "تفرقه" يعني جدائي يا قلب جي پريشاني آهي يا "نور" ڏينهن ۽ "ظلمات" رات يا "نور" علم ۽ "ظلمات" جهالت آهي، يا "نور" الله تعالي جي فرمانبرداري ۽ "ظلمات" نافرماني آهي يا "نور" جنت ۽ "ظلمات" اوندهه آهي يا "نور" ياد خدا ۽ "ظلمات" غفلت آهي، يا "نور" قلب جي حاضري ۽ "ظلمات" خدا کان دوري آهي، يا "نور" مشاهدو ۽ "ظلمات" اٽ ڄاڻائي ۽ غائب ٽيڻ آهي، يا "نور" وصل آهي ۽ "ظلمات" (ڪتاب جي حاشيي جي عبارت پوري ٿي)

www.maktabah.org

توحيد من يغلق عن نعته عاريته ابطلها الواحد
توحيد توحيد اياه و نعت من ينعته لاحد.

[ڪنهن بہ الله واحد جي وحدانيت کي نہ ڄاتو. ڇاڪاڻ تہ هر هڪ ان جي وحدانيت جو انڪاري آهي. توحيد اها آهي تہ ان جي وصف بيان ڪرڻ کان عاجز ۽ اڻ ڄاڻ هجي. ڇاڪاڻ تہ ان کي الله واحد (جي حب) بيحال ڪري ڇڏيو آهي. توحيد اها آهي تہ سڀ ڪجهہ ان کي ئي ڄاڻجي ۽ ان جي صفت اها آهي تہ ان جي ساراہ ۽ تعريف جي ڪا حد نہ آهي.]

يعني "توحيد" اها آهي تہ الله تعاليٰ جي قديم ذات ۾ نہ ڪو شريڪ آهي ۽ نہ ڪو حصيدار آهي، نہ ان جي جديد صفتن ۾ ڪو عمل دخل ڪندڙ آهي، نہ ان جي ڪنهن حڪم جو ڪو مخالف ۽ ضد آهي، نہ سندس بادشاهيءَ ۾ ڪو ياڳي پائيوار آهي، نہ ڪنهن شخص ۽ ڪنهن شيءِ جي ان سان مشابهت، مماثلت ۽ هڪجهڙائي آهي. اهو بي مثل، بي مثال، شڪل شباهت کان پاڪ آهي، نہ ڪا شيءِ منجهس آهي ۽ نہ ئي اهو ڪنهن جي اندر آهي، نہ داخل آهي نہ خارج آهي:

رباعي

لا هو في شيءٍ ولا شيءٌ فيه
زانكه هو مطلق لا ريب فيه
ني بكس داخل ني خارج است
حل نہ شد اين مشكل ما فيه؟

[نہ اهو ڪنهن شيءِ ۾ آهي ۽ نہ ڪا شيءِ منجهس آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو مطلق آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي، نہ ڪنهن شخص جي اندر داخل آهي نہ ڪنهن جي خارج ۾ شامل آهي. اها هڪ اهڙي مشڪل آهي، جيڪا حل ٿيندڙ نہ آهي]

ڇاڪاڻ تہ سڀني قدرت جي ڪمال جو اهو طريقو رهيو آهي تہ هڪ شيءِ ٻي شيءِ جي اندر داخل يا ان مان خارج ٿيندي رهي ٿي. پر ڄاڻڻ گهرجي تہ رب تعاليٰ جي ذات واحد آهي ۽ وجود سڀ هڪ ئي آهن، تنهن ڪري ان کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ نہ آهي، پر انهيءَ طريقي سان تہ اهو ڪنهن شيءِ ۾ داخل نڪو ٿي سگهي ۽ ڪا شيءِ منجهس داخل نڪي ٿي سگهي.

www.maktabah.org

بيت

نہ داخل است نہ خارج از عالم اَرچه خدا
چون یک دیدم خالق ز خلق نیست جدا.

[دنيا جهان ۾ الله تعاليٰ نہ خارج آهي نہ منجهس داخل، جيتوٽيڪ هڪ نظر نهارڻ سان ئي معلوم ٿئي ٿو تہ خالق، مخلوق کان جدا نہ آهي]

همیشگيءَ ۾ هيڪڙائي سندس اهڙي وصف آهي، جو سندس ڪمال، جلال ۽ جمال ۾ نہ ڪڏهن ڪا ڪمي اچي ٿي، نہ ئي ڪنهن انسان يا ڪنهن ٻي مخلوق جي ساراه سان ان ۾ ڪا واڌ ويجهه اچي ٿي. ان جي ذات سموري مخلوق جي وهم، گمان ۽ سوچ، سمجهه کان تمام مٿانهين آهي، نہ ان جي ذات جي ڪا شروعات آهي، نہ ان جون صفتون کٽندڙ ۽ ختم ٿيندڙ آهن. جيڪا بہ شروعات آهي، اها الله تعاليٰ جي شروعات جي مقابلي ۾ آخري آهي ۽ جيڪا بہ آخري شيءِ آهي، اها الله تعاليٰ جي انتها جي مقابلي ۾ شروع آهي ۽ جيڪي بہ ظاهري شيون آهن، سي سڀ الله تعاليٰ جي ظاهر کان ٻاهر آهن ۽ جيڪي بہ باطني شيون آهن، اهي الله تعاليٰ جي باطن جي پيٽ ۾ ظاهر آهن ۽ ان جي ازليت جي مقابلي ۾ نروار ۽ آشڪار آهن. بصيرت ان جي باطني ڪمال ۽ ان جي ظاهر جي روشنيءَ کي ڏسي نٿي سگهي. ان جي ازلي انوار ۽ عظمت جي مقابلي ۾ عاجزي ۽ نوڙت کان سواءِ ڪا ٻي واٽ نہ آهي. الغرض جيڪا بہ شيءِ عقل، قياس، وهم، گمان، سمجهه، علم، دانائيءَ ۽ خيال ۾ سمائي سگهجي ٿي، الله تعاليٰ جي مبارڪ ذات ان کان گهڻو بلند ۽ عظيم آهي. جيئن رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

سُبْحَانَكَ مَا عَرَفْنَاكَ حَقَّ مَعْرِفَتِكَ[1]

---

(1) فيض القدير ص٤١٠ج٢- ان جي شرح ۾ شيخ قطب الدين ارنقي وفات سن ٨٨٥ هڪ رسالو لکيو آهي (ڪشف الظنون ص٨٧١-٨٩٢ج١) اسان کي حديث جي ڪنهن ڪتاب ۾ اها روايت نہ ملي، البت صحيح حديثن ۾ هي لفظ ملن ٿا تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ستن آسمانن تي چئن آڳرين جي برابر بہ ڪا خالي جاءِ نہ آهي، جتي ڪو نہ ڪو فرشتو الله جي عبادت ۾ مشغول نہ هجي. جڏهن ڪان کين پيدا فرمايو ويو آهي، انهن مان ڪي سدائين قيام جي حالت ۾ آهن، ڪي رڪوع جي حالت ۾ آهن ۽ ڪي سجدي جي حالت ۾، تانجو جڏهن قيامت قائم ٿيندي تہ اٽي عرض ڪندا تہ: سبحانک ما عبدناک حق عبادتک (اي الله! تنهنجي ذات پاڪ آهي تنهنجي عبادت جو جيترو حق آهي، سو اسان کان ادا نہ ٿي سگهيو آهي، مگر هي تہ اسان تو سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪيو آهي: (ابن ڪثير ص٤٤٦-٤٤٧ ج٤، المستدرک علي الصحيحين حديث٤٥- ٧٨٣٩، مجمع الزوائد ص٥٢ ج١- ص٣١٧ ج٩- ص٣٥٨

www.maktabah.org

[اي الله! تنهنجي ساراه آهي، تنهنجي معرفت جو جيترو حق آهي، اسان توکي سڃاڻي نہ سگهياسون.]

مثنوي

ذات قديمش صفات جديد
بقدرت كمالش شده آمد پديد
نہ در ذات عاليت باشد سهيم
كسي ديگر اندر جهان يا كريم
نہ در حكم عالي تو ضدّي بود
نہ در ملک و مالي توندّي بود
بقدرت كمال اول آخر است
بقدرت قوي باطن او ظاهر است
ندارد حلول و دخول و زوال
تغير خروج و مرور و انتقال
ز شبه و نظير و وزير و مشير
منزه ازين جمله بي نظير
ز بس ظاهريست بطون آمده
ظهور و بطونش نجون آمده
به بين عارفان را كه حيران شدند
درين وادي از جان چه نگران شدند
ز اوهام و افهام جمله برون
ز تقرير و تحرير است فزون
بماندند گمراه راه دران
تو بنگر درين عرصه بيكران
نہ درگنه او درک و عرفان بود
كه در عظمتش جمله حيران بوده
بايجاد ماجد وجود همه

ج١٠، المعجم الاوسط حديث:٣٥٦٨، المعجم الكبير حديث: ١٧٠١، التخويف من النار ص١٦٩ ج١، جامع العلوم والحكم ص٢١٧ ج١، شعب الايمان ص١٨٣ ج١، العظمة ص٧٩٠ ج٢- ص٩٩٤ ج٣- ص١٠١٦ ج٣- ص١٤٦٢ ج٤)

www.maktabah.org

که او هست بود و نمود همه
خيال و همه حکمت و علم و عقل
نه بردندي پي بلکه هستند خجل
چگونه بيان کرد توحيد او
که بي حد و بي عدّ تمجيد او

[سنڌس ذات قديم آهي ۽ سنڌس صفتون جديد آهن. پنهنجي قدرت جي ڪمال سان ظاهر ٿيو. هن جهان ۾ اي ڪريم! تنهنجي بلند ذات ۾ ڪوبه شريڪ نه آهي، نه تنهنجي مٿانهين حڪم ۾ ڪو تنهنجو نظير آهي، نه مال دولت ۽ حڪومت ۽ بادشاهيءَ ۾ تنهنجو مثال آهي. پنهنجي قدرت ۽ ڪمال سبب ان جي شروعات آخري آهي ۽ پنهنجي زبردست قوت جي ڪري ان جو باطن به ظاهر آهي، نه ڪنهن شيءِ ۾ حلول ڪري ٿو (يعني اندر وجي ٿو) نه ڪا شيءِ ان ۾ داخل ٿئي ٿي، نه ئي ان کي زوال آهي. باهر نڪرڻ ۽ گذرڻ ۽ ٻئي ڏانهن منتقل ٿيڻ کان پاڪ آهي. نه ڪو ان جي مشابه آهي، نه ان جو مثال ۽ نظير آهي، نه سنڌس ڪو وزير ۽ مشير آهي، انهن سمورين صفتن کان اهو پاڪ آهي. بلڪل ظاهر به آهي ۽ بلڪل باطن به آهي. ان جو ظاهر ۽ باطن پاڻ ۾ سرگوشي ڪن ٿا. عارفن کي ڏس ته ڪيئن نه حيران آهن. انهيءَ ماڻريءَ ۾ جان جي ڪهڙي ڳڻتي ڪن. اهو هر قسم جي وهم، گمان، سوچ ۽ سمجهه ۾ اچڻ کان تمام مٿانهون آهي، جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته الله کي پنهنجي خيال ۾ آڻي سگهندا، دراصل اهي انهيءَ راه ۾ گمراه آهن، يلي تون لامحدود عرصو اهو تجربو ڪري ڏس. ان جي گهرائيءَ جي معرفت ۽ علم ڪنهن کي به حاصل نه ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي عظمت اندر سڀ حيران ۽ پريشان آهن. جيڪي به شيون هن ڪائنات ۾ موجود نظر اچن ٿيون، اهي انهيءَ پيدا ڪندڙ خالق اڪبر جي وجود جي شاهدي ڏين ٿيون. ڇاڪاڻ ته سڀ ڪجهه اهو آهي، اهو هو ۽ اهو ئي رهندو. خيال، حڪمت، دانائي، علم ۽ عقل، ان جي انتها کي ڳولي نه سگهندو بلڪ ڳولي ڳولي پريشان ۽ پشيمان ٿيندو. الله تعالي جي هيڪڙائي ڪهڙيءَ ريت بيان ڪري سگهجي ٿي؟ ڇاڪاڻ ته ان جي بزرگي بيحد ۽ بيشمار آهي. فتح محمد! حق تعالي جي باري ۾ جاڻ ته حق اهو ئي حڪم آهي، جيڪو الله جي حڪم مطابق ظاهر ٿئي ٿو]

www.maktabah.org

باب ٻيو

فتح بابت حق

الله تعاليٰ جو وجود ثابت ۽ قائم دائم آهي، جيڪو نفعو ۽ نقصان ڏئي ٿو (نعمتون) عطا ڪري ٿو انعام ڪندڙ باقي رهندڙ آهي. ان ڪري الله تعاليٰ لاءِ "حق" جو لفظ استعمال حقيقي معنيٰ ۾ آهي ۽ ٻئي لاءِ غير حقيقي آهي، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ جو وجود ذاتي آهي، جنهن جو موجود هئڻ لازم آهي. ٻين شين جو وجود سندس خلقڻ سان آهي. انهيءَ ڪري "وجود" جي صفت الله تعاليٰ جي صفتن مان هڪ صفت آهي. قرآن مجيد جي هيءَ آيت انهيءَ معنيٰ تي دلالت ڪري ٿي:

فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ إِلَّا الضَّلٰلُ[1]

[پوءِ حق کان بعد گمراهيءَ کان سواءِ ٻيو ڇا آهي؟] (تفسير حسيني)

پيغمبر پاڪ ﷺ جن جي حديث ۾ ايندو آهي ته پاڻ شاعر لبيد جو هيٺيون بيت پڌي فرمايائون ته ان کان وڌيڪ سچي ڳالهه ٻي ڪا نٿي ٿي سگهي:

اَلَا كُلُّ شَيْءٍ مَا سِوَى اللّٰهِ بَاطِلٌ وَكُلُّ نَعِيْمٍ لَا مَحَالَةَ زَائِلٌ[2]

[ٻڌو! الله تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ فنا ٿيندڙ آهي ۽ هر نعمت هر صورت ۾ ختم ٿيندڙ آهي]

يعني الله تعاليٰ کان سواءِ جيڪا به شيءِ آهي، سا باطل يعني

---

(1) سوره يونس آيت : ٣٢

(2) السيرة النبوية ص ٢١٥ج٢- مجمع الزوائد ص ٣٤ج ٦- معجم الكبير ص ٣٦ ج٩- فتح الباري ص ٣٢٢ ج ١١- تحفة الاحوذي ص ١١٥ ج٨- ابن ماجة ص ٢٦ج١- فيض القدير ص ٥٢٤ج ١- حلية الاولياء ص١٠٣ج ١.

www.maktabah.org

فاني آهي. الله تعالي جو فرمان آهي:

بَلْ نَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَى الْبَاطِلِ فَيَدْمَغُهُ فَإِذَا هُوَ زَاهِقٌ وَلَكُمُ الْوَيْلُ مِمَّا تَصِفُونَ[1]

[بلڪ اسين حق کي باطل مٿان هٽون ٿا، پوءِ اهو باطل جو پيڇو ڪيڏي وجهي ٿو پوءِ اهو پڄي ٿو ۽ توهان لاءِ ويل آهي انهن ڳالهين جي ڪري جيڪي توهان گهڙيو ٿا.]

رباعي

بجز حق نيست چيزي رفت معلوم
مقصد هست مطلق گشت مفهوم
چون هر موجود و هر واجد هو الحق
وجود باطل همه هست معدوم.

[سڀ کي معلوم آهي ته حق تعالي کان سواءِ جيڪا به شيءِ آهي سا فنا آهي. زندگيءَ جو اهو ئي مقصد سمجهه ۾ اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته هر موجود شيءِ جو ناهيندڙ حق تعالي ئي آهي ۽ باطل جو تمام وجود فنا ٿيندڙ آهي.]

غرض ته جڏهن به حق ظاهر ٿيندو آهي، ته باطل فنا ۽ معدوم ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته باطل جي ڪا حقيقت نه آهي ۽ اها واجد ۽ موجود يعني شين کي وجود عطا ڪندڙ ذات الله تعالي جي آهي، جيئن الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَقُلْ جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا[2]

[۽ چؤ ته حق آيو ۽ باطل پڄي ويو ۽ باطل آهي ئي پڄندڙ.]

۽ اها ئي حقيقت هر وقت ظاهر ٿيندي رهندي آهي. الله تعالي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

---

[1] سورة الانبياء آيت:١٨ پ ١٧

[2] سوره بني اسرائيل آيت :٨١

www.maktabah.org

ذٰلِكَ بِأَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَأَنَّ مَا يَدْعُونَ مِن دُونِهِ هُوَ الْبَاطِلُ[2]

[ڇاڪاڻ تہ اهو ئي حق آهي ۽ الله تعالي ڪان سواءِ جن کي بہ معبود سڏين ٿا، سو باطل آهي.]

انهيءَ ڪري صوفين جو قول آهي تہ:

اَلْعَالَمُ هُوَ الْحَقُّ

[جهان ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، سو دراصل حق تعالي جو آهي.]

ڇاڪاڻ تہ آسمانن ۽ زمين، زمان، مڪان ۽ پوري ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ ڪان اڳ فقط الله تعالي جي هستي هئي. البتہ خالق ۽ مخلوق جي درميان هڪ پردو آهي. پر ان جي درميان جيڪو امتياز ۽ جدائي آهي، سو حق ۽ باطل نڪو ٿي سگهي. جيڪڏهن الله تعالي جي ڄاڻ ۽ فضل سان نفساني تڪبر، هوڏ ۽ وڏائي ختم ٿي وڃي تہ هوندَ ظاهر ۽ باطن ۾ حق ۽ باطل ڪان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نظر نہ ايندي.

غزل

در زمين و آسمان ديدم حق
ظاهر و باطن نہ ديدم غير حق
اول و آخر نہ باشد جز خدا
در خيال و وهم منظر مرد حق
در همه اجزا نخواندم حرف غير
چون گرفتم دفتر كل اسبق.

[زمين ۽ آسمان ۾ حق ئي حق ڏسان ٿو. ظاهر ۽ باطن ۾ حق ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نٿو ڏسان. اول ۽ آخر ۽ الله تعالي ڪان سواءِ ڪوبہ نہ آهي. مرد حق جڏهن بہ سمورا اڳيان دفتر پڙهندو آهي، خيال، منظر ۽ ڏيک ۾ ان کي "حق تعالي" ڪان سواءِ ٻيو حرف ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي.]

منهنجا عزيز! جڏهن ظاهر ۽ باطن ۾ حق ئي حق آهي تہ پوءِ

---

(2) سوره يونس آيت: ٦٢

www.maktabah.org

گهرجي تہ حق مطلق يعني الله تعالي کان سواءِ کا شيءِ نہ ڏسجي ۽ کا شيءِ نہ لهجي. چاکاڻ تہ حق جي موجودگيءَ ۾ باطل جي وجود کي، جيڪو دراصل معطل ۽ فاني آهي، تنهن کي ڏسڻ سراسر ڪفر آهي. الله تعالي فرمائي ٿو تہ

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْبَاطِلِ وَكَفَرُوْا بِاللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ[1]

[۽ جن ماڻهن باطل کي مڃيو ۽ الله جو ڪفر ڪيائون، تہ پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن.]

ٻئي هنڌ الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ[2]

[اهو ئي توهان جو حقيقي رب آهي، پوءِ حق کان بعد سواءِ گمراهيءَ جي ٻيو ڇا آهي؟]

پڙ ٻئي هنڌ رب ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ[1]

[تان تہ حق کي محڪم ۽ مضبوط ڪري ۽ باطل کي بيڪار ڪري ۽ مٽائي ڇڏي.]

يعني حق کي ڏسڻ جي باوجود، حق کان غافل رهڻ حرام آهي. جيئن حديث شريف آهي:

اَلسُّكُوْتُ عَنِ الْحَقِّ حَرَامٌ

[حق کان خاموش رهڻ حرام آهي.]

پڙ الله جي رسول ﷺ جن فرمايو آهي تہ

اَلسَّاكِتُ عَنِ الْحَقِّ شَيْطَانٌ اَخْرَسُ[2]

---

(1) سورة العنكبوت آيت۵۲

(2) سورة يونس آيت۳۲ پ ۱۱

(1) سوره الانفال آيت:۸

(2) ٻئي حديثون ثابت نہ آهن، البت اسلام ۾ حق چوڻ جي گهڻي تاڪيد آهي، جنهن سان قرآن ۽ حديث جا ڪتاب پريل آهن

www.maktabah.org

[جيڪو حق چوڻ کان خاموش رهي، سو گونگو شيطان آهي.]

جڳائي ته حق کان سواءِ ڪا شيءِ نه لهي، نه ئي نظر ايندي ۽ نه ئي اهڙي ڳالهه چوڻ گهرجي. الله تعالي فرمائي ٿو:

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٦٢﴾[3]

[ڇاڪاڻ ته الله ئي حق آهي ۽ ان کانسواءِ جنهن کي پڪارين ٿا، سو باطل آهي.]

مثنوي

گفت اين اطاعت خداوندي چيست؟
گفتمش در شان او سخن کيست
باطل بجز غير الله چيزي نيست
قصه کوتاه اين طاعت تو جز نور نيست
جان و تنت ليک ظلمت تو زان که دلست
اي که نزديک تر بتو يار شد حجاب تو
پندار اول و آخر بطون و ظهور يک وجود است.

[انهيءَ پڇيو ته اها اطاعت خداوندي ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو ته ان جي شان جي باري ۾ ڪنهن کي ڳالهائڻ جي مجال آهي؟ بس ائين سمجهه ته الله کان سواءِ جيڪا به شيءِ آهي اها باطل ۽ ختم ٿيڻ واري آهي. قصو مختصر ته ٻانهي جي ٻانهپ ڪرڻ، نور خداونديءَ کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. (اها ٻي ڳالهه آهي) ته تنهنجي جان ۽ تنهنجي جسم جي اونداهي دل جي ڪري آهي. اي شخص! تنهنجي اول ۽ آخر انديشي ۽ فڪر جو وجود هڪ ئي آهي. يعني تون ذات واحد کان جدا نه آهين.]

يعني جيڪو حڪم هجي، يا جنهن تي حڪم واقع ٿئي ٿو يعني مخلوق، اهو سڀ برحق آهي. جيڪا به شيءِ يا جيڪا به مخلوق ظاهر ٿي چڪي آهي، يا ٿي رهي آهي، يا ايندڙ زماني يا ڪنهن ٻئي جهان ۾ ظاهر

(3) سوره الحج آيت:٦٢

www.maktabah.org

ٿيندي رهندي، اها سڀ الله جي حڪم هيٺ ظاهر ٿئي ٿي ۽ ٿيندي رهندي. انهن سيني وجودن ۽ سمورين شين مان الله تعاليٰ جي عظمت ۽ شان ڪبريائي ظاهر ٿئي ٿي. اهي سڀ الله، واحد، قهار جي نور جون تجليون آهن. جيتوڻيڪ هيءُ جهان الله تعاليٰ جي صفتن جو عڪس آهي، پر اهو سدائين قائم دائم نه رهندو. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي هيڪڙائي لازم اچي ٿي. يعني فقط ان جي ئي هڪ ذات ئي قائم دائم رهندي.

www.maktabah.org

باب ٽيون

فتح بابت حقيقت

ڄاڻڻ گهرجي تہ لغت ۾ حقيقت "ذات" کي چئبو آهي ۽ معنوي لحاظ سان صفتن ۽ علم جي مرڪب کي حقيقت چئبو آهي. اصول وارا چون ٿا تہ حقيقت مان مراد لفظ جي معنيٰ آهي يعني دنيا جهان جي شين ۽ ماڻهن جي جيڪا معنيٰ ۽ مقصد آهي. اها ئي انهن جي حقيقت بہ آهي. اي منهنجا عزيز! ڄاڻ تہ جيڪا بہ شيءِ آهي. ان جي ڪا نہ ڪا صورت آهي. ڪا بہ شيءِ بغير صورت ۽ معنيٰ جي نہ آهي. ان صورت کي مجاز ۽ معنيٰ کي حقيقت چوندا آهن ۽ هر مجاز جي هڪ حقيقت هوندي آهي. مجاز جي حقيقت کي پڙ حقيقت فرمايو اٿن. ان ڪري "حق" (الله جي) ذات ۽ سندس حقيقت ان جون صفتون آهن. ڪي چون ٿا تہ حق "اسم ذات" ۽ ان جي حقيقت صفاتي نالا آهن.

منهنجا عزيز! جيڪو شخص دنياداري يا دنيا پرستي کي ڇڏيندو ۽ غير الله جي حدن کان ٻاهر نڪري "عالم احسان" ۾ داخل ٿيندو آهي. انهيءَ جي باري ۾ چوندا آهن تہ "عالم حقيقت" ۾ داخل ۽ "مقام حقائق" تي واصل ٿي ويو آهي. ڪن فقراءَ تي الله پنهنجي مهر ۽ ٻاجهہ فرمائي آهي. "حقيقت" هي آهي تہ ڪو شخص الله تعاليٰ جي حقيقت تائين پهچي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ بصيرت، بصارت ۽ ڏسندڙن جي نگاهن ۾ اهو الله نٿو اچي سگهي. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

لَا تُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ[1]

[الله کي اکيون ڏسي نٿيون سگهن.]

جيڪي ماڻهو دل جي روشني رکندڙ ۽ حق کان آگاه آهن، انهن وٽ الله تعاليٰ جي ذات ئي اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمان آهي تہ:

هُوَ الْأَوَّلُ وَالْآخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ[2]

---

(1) سوره الانعام آيت: ۱۰۳

(2) سوره الحديد آيت: ۳

www.maktabah.org

[اهو الله ئي اول ۽ آخر ۽ اهوئي ظاهر ۽ باطن آهي.]

اهي حضرات الله تعالي کان سواءِ ڪنهن صورت ۽ معني کي نہ ڏسندا آهن، نہ ڇاڻندا آهن، نہ تلاش ڪندا آهن، نہ لهندا آهن.

بيت

في الحقيقت جمله الحق هر چه ظاهر باطن است
اين معمه در نظر صاحب دلان تحقيق گشت.

[حقيقت اها آهي تہ ظاهر ۽ باطن جيڪي ڪجهہ آهي سو حق تعالي آهي. ڪائنات جو جوڙيندڙ دل وارن جي نظر ۾ حقيقت بنجي ثابت ٿي چڪو آهي.]

پنهنجي مرشد ختم الاولياءِ حضرت پير دستگير جي خدمت عاليه ۾ هن فقير سوال ڪيو تہ حقيقت جو بيان فرمايو. فرمايائون تہ حق تعالي جي حقيقت ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ ۾ نہ ايندي آهي، ڇاڪاڻ تہ (الله تعالي) ڪنهن جي سوچ سمجهہ ۽ قيل قال ۾ ماپي نٿو سگهي ۽ ڇهن ئي پاسن کان الله تعالي کي ڪوبہ سوچ ۽ خيال ۾ نٿو آڻي سگهي سواءِ دل جي، جيئن فرمايو ويو آهي تہ:

قَلْبُ الْمُؤْمِنِ عَرْشُ اللهِ تَعَالٰى وَاِنَّ فِيْ جَسَدِ الْاٰدَمِ لَمُضْغَةٌ وَّ فِي الْمُضْغَةِ فُؤَادٌ وَّفِي الْفُؤَادِ قَلْبٌ وَفِي الْقَلْبِ رُوْحٌ وَفِي الرُّوْحِ سِرٌّ وَفِي السِّرِّ خَفِيٌّ وَفِي الْخَفِيِّ اَخْفٰى وَفِيْ اَخْفٰى اَنَا وَفِي الْحَدِيْثِ الْقُدْسِيِّ: لَا مَوْجُوْدَ غَيْرِيْ فِي الدَّارَيْنِ اَنَا الْاَوَّلُ وَاَنَا الْاٰخِرُ وَاَنَا الظَّاهِرُ وَاَنَا الْبَاطِنُ[1]

[مؤمن جي دل الله تعالي جو عرش آهي. بيشڪ انسان جي جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪڙو آهي، ان ۾ فواد (قلب جو ڏانچو يا سانچو) آهي ان ۾ دل آهي ۽ ان ۾ روح آهي ۽ روح ۾ سر آهي ۽ سر ۾

(1) صغاني چوي ٿو تہ حديث گهڙيل آهي (ڪشف الخفاء ص١٣٠ ج٢) اهڙي ٻي حديث بيان ڪئي ويندي آهي تہ: ما وسعني ارضي ولا سمائي و وسعني قلب عبد المؤمن (آءٌ نہ پنهنجي آسمان ۾ ماپان ٿو نہ پنهنجي زمين ۾ ماپان ٿو پر مؤمن ٻانهي جي دل ۾ ماپان ٿو) ان جو بہ ڪو اصل نہ آهي (فيض القدير ص٤٩٦ ج٢)

www.maktabah.org

خفي آهي ۽ خفي ۾ اخفيٰ آهي ۽ اخفيٰ ۾ آءٌ آهيان ۽ حديث ۾ آهي ته ٻنهي جهانن ۾ مون کان سواءِ کو موجود نہ آهي آءٌ ئي اول ۽ آءٌ ئي آخر ۽ آءٌ ئي ظاهر ۽ آءٌ ئي باطن آهيان.]

يعني الله فرمائي ٿو ته فقط آءٌ موجود آهيان. مون کان سواءِ ٻنهي جهانن ۾ ڪنهن جو وجود نہ آهي. جيڪڏهن پروانو ۽ بلبل يا شمع يا گلشن آهي ته اهو به مان ئي آهيان ۽ حق جي حقيقت اها ئي آهي ته ٻانهو پاڻ کي خدا تعاليٰ لاءِ وساري ڇڏي. بلڪ خدا کي به وساري ڇڏي. تان ته "خاص موحد" ٿي وڃي. يعني پاڻ ۽ پنهنجي غير جي حدن کان گذري "لا انا ولا غيري" جي مقام تي پهچي. تڏهن "هو الحق" جي حقيقت سندس آڏو روشن ٿيندي. اي منهنجا عزيز! صورت جيڪا به آهي ۽ معنيٰ جيڪا به آهي. سا سڀ قادر ڪريم جي قدرت جو ڪمال آهي ۽ اصل ۾ ان (ٻانهي) جو پنهنجو کو وجود نہ آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪو به وجود آهي. اهو ماجد مطلق (الله تعاليٰ) جي خلقت سان آهي انهيءَ ڪري هڪ الله ئي برحق ۽ باقي آهي.

بيت

هرچه حق گرداني همه حق تست
كرده حق مگو كه نا حق است.

[جيڪي ڪجهه آهي. ان کي جيڪڏهن حق ڄاڻين ته اها ئي تنهنجي حقيقت آهي. حق جي ڪيل حُڪم (امر) کي ناحق نہ چؤ.

يعني هر شيءِ کي وجود عطا ڪندڙ حق تعاليٰ آهي. الله تعاليٰ جون نوراني صفتون. نوراني نالا. نوراني افعال آهن. جن جي ڪا انتها ۽ ڇيهه نہ آهي ۽ نہ ورې ان جي ذات جي نور کي مقيد ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته مطلق اهو آهي. جيڪو (زمان ۽ مڪان ۾) بند نہ پر مطلق ۽ بي انتها هجي. سندس نالا مثلاً: الله. رحمٰن. رحيم. سندس صفتون مثلاً مهر ڪرڻ. قهر ڪرڻ ۽ سندس افعال مثلاً جيارڻ. مارڻ وغيره آهن. حق تعاليٰ جون اهي سڀ صفتون. نالا ۽ افعال خود برحق آهن. پر توتي اهو مونجهارو تڏهن واضح ٿيندو جڏهن "بحر حقانيت" ۾ غرق بلڪ گم ٿي ويندين.

www.maktabah.org

مثنوي

چون بحر حقانيت آيد باوج
بطالت شود محو چون فوج فوج
چون درياءَ وحدت نہ دارد کنار
همه کثرت از وي نمود آشکار
و ليکن چون اماره بگردد خراب
شود يک وجود آن زمان سنگ و آب
اگر در حقيقت کني رويءَ خويش
بيا پي کل و جزو از کويءَ خويش.

[جڏهن حقانيت جي سمنڊ ۾ جوش ايندو آهي تہ هر شيءِ هڪ ٻئي جي پڻيان ان ۾ گم ٿي ويندي آهي. جيئن تہ وحدت جي درياءَ جو ڪو ڪنارو نہ آهي، تنهن ڪري ان مان سڀ ڪثرت ظاهر ٿيندي آهي. پر جڏهن نفس اماره خوار خراب ٿيندو آهي، ان وقت (ٻيو باطل) وجود پٽر ۾ باه مان نهندو آهي، جيڪڏهن حقيقت ڏانهن پنهنجي نگاه ڪندين تہ پوءِ ڪل ۾ جزو جي گهٽيءَ مان ٻاهر نڪرندين.]

پر حيف هزار حيف، افسوس صد افسوس! جو هن سفلي جهان سان جيڪو رڳو مقيد آهي، واسطو رکڻ سبب تون مطلق عالَم عُلوي جيڪو عين وجود آهي، انهيءَ کان محروم، بي نصيب ۽ تڏيل رهين ٿو.

نظم

اگر از قيد خود رهائي يابي
بنزدت هم مقيد گشت مطلق
مبرا گر شوي از نفس بد خوئي
ز ذات خويش مي يابي اناالحق
چون محو آيد صفات و ذات در ذات
ترا روشن شود آن که هو الحق.

[جيڪڏهن پنهنجي قيد کان آزادي حاصل ڪرين تہ هوند تو وٽ بہ مقيد مطلق ٿي وڃي، جيڪڏهن نفس بداطوار کان آزاد ٿئين تہ پنهنجي ذات ۾ انا الحق جو آواز لهندين. جيڪڏهن پنهنجين صفتن ۽ پنهنجي ذات کي (الله تعالي) جي ذات ۾ گم ڪندين تہ توتي حق روشن ٿي ويندو.]

www.maktabah.org

باب چوٽون

فتح بابت سلطان الانبياءِ ﷺ

جنهن وقت الله تعالي هن ڪائنات ۽ مخلوق کي ظاهر ڪرڻ جو ارادو فرمايو. ان کي ٻي تجلي چوندا آهن ۽ ٻي تجليءَ کي "حقيقت محمدي" جو نالو ڏين ٿا ۽ "حقيقت محمدي" اها آهي ته. جڏهن الله تعالي جي مشيت گهريو ته جهان کي ظاهر ڪري ته سڀ کان پهريائين پنهنجي نور مان نور محمد مصطفي ﷺ کي پيدا ڪيائين. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته:

اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰهُ نُوْرِیْ

[سڀ کان پهريائين الله تعالي جيڪا شيءِ پيدا ڪئي، اهو منهنجو نور آهي.][1]

هڪ ٻي حديث ۾ آهي:

اَنَا اَوَّلُ مَنْ تَجَلّٰی لَهُ الرَّبُّ

[آءٌ پهريون شخص آهيان جنهن تي سندس رب تجلي فرمائي.]

ان ڪري جاڻڻ گهرجي ته حضرت محمد مصطفي ﷺ جن جو خلقيل نور آهي ۽ ان ڳالهه ۾ ڪنهن کي به شڪ نه هڻڻ گهرجي ته نور مان مراد هدايت آهي. نه وري ڪا ٻي معني سمجهجي. جيئن رافضي امير

---

(1) حديث جي ڪنهن ڪتاب ۾ اها حديث نٿي ملي. قرطبي پنهنجي تفسير ص٢٨٦ج١٢ ۾ حوالي کان سواءِ حضرت انس رضہ جي روايت آندي آهي ته : ان الله خلقني من نور (بيشڪ الله تعالي مون کي نور مان پيدا ڪيو.) ٻي روايت ۾ آهي ته الله تعالي مون کي پنهنجي نور مان پيدا ڪيو. (الفردوس بماثور الخطاب : ص١٧١ج١) ابو نعيم فرمائي ٿو ته اها حديث باطل آهي. (ميزان الاعتدال ص٣١٤ج١- لسان الميزان ص٣٢٨ج١) نبي سائين ﷺ جن جو سوٽ ابن عباس فرمائي ٿو ته الله تعالي سڀ کان اڳ قلم کي پيدا فرمايو: (قرطبي ص٢٥٩ج١- ابن ڪثير ص٢٣٥ج١- ترمذي حديث:٣٣١٩، ٢١٥٥- مجمع الزوائد ص١٢٨ج٧- ابوداؤد حديث:٤٧٠٠ وغيره)

www.maktabah.org

المؤمنين حضرت علي ڪرم الله وجهه ڪي الله سان وڃي ملائيندا آهن اهو ب جاڻڻ گهرجي ت هر هنڌ حاضر ۽ ناظر ذات صرف باري تعالي جي آهي. رسول الله ﷺ ڪي هرهنڌ حاضر ناظر سمجهڻ بدعت آهي ۽ هر بدعت گمراهي آهي، جنهن کان توبه ڪجي.

هڪ حديث ۾ فرمائين ٿا ت جڏهن الله تعالي منهنجو نور پيدا فرمايو ت مون سجدي ۾ سر رکيو. الله تعالي ارشاد فرمايو ت: اي منهنجا نورا اي منهنجا چونڊيل نورا منهنجو مقصد هي آهي ت تنهنجي نور مان جهان پيدا ڪريان، پوءِ هي ست درياه پيدا ڪيم: ١- علم، ٢- حلم، ٣- حيا، ۴- صبر، ۵- فقر، ٦- عقل، ٧- رحمت. ست هزار سال اها حالت برقرار رهي. ان کان پوءِ الله تعالي حڪم فرمايو ت اي منهنجي حبيب جا نورا اي منهنجا مصطفي منهنجي مخلوق کي منور ڪر. انهيءَ حڪم مطابق منهنجي نور ۾ چرپر ٿي ۽ منهنجي سينڌ مبارڪ مان هڪ لک چوويهه هزار نور جا قطرا ٽپڪيا، جنهن سان هڪ لک چوويهه هزار نبي پيدا ٿيا ۽ منهنجي اک مان ب قطرا منهنجي ڪاپي اک مان ٽپڪيا، هڪ مان اسرافيل ۽ ٻئي مان عزرائيل پيدا ٿيو. ب قطرا منهنجي ساڄي ڪن مان ٽپڪيا هڪ مان لوح ۽ ٻئي مان قلم پيدا ٿيو ۽ ب قطرا منهنجي ڪاپي ڪن مان ڪريا، هڪ مان عرش ۽ ٻئي مان ڪرسي پيدا ٿي، پير مان اٺ قطرا ٻيا ٽپڪيا جن مان اٺ بهشت پيدا ٿيا. سيني مان ب قطرا ڪريا هڪ مان سج ٻئي مان چنڊ نڪري نروار ٿيو. ساڄي هٿ مان پنج قطرا ڪريا هڪ مان سدرة المنتهي، ٻئي مان ان جي ڏيگهه، ٽئين مان حوض ڪوثر، چوٿين مان حضرت آدم عليه السلام ۽ پنجين مان موسي عليه السلام جو عصا پيدا ٿيو. ڪاپي هٿ مان پنج قطرا ڪريا هڪ مان پلصراط ٻئي مان رفرف ٽئين مان بجلي، چوٿين مان سليمان عليه السلام جي مهر جو ٽڪو ۽ پنجين مان صور پيدا ٿيو. جيئن نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ت

أَنَا مِنَ اللهِ وَكُلُّ شَيْءٍ مِنِّي

[آءٌ الله مان آهيان ۽ هر شيءِ مون مان آهي.]

اها پاڻ سڳورن جي نبوت ۽ رسالت جي سرداري آهي. الله تعالي فرمائي ٿو ت:

www.maktabah.org

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا (1)

[الله اهو آهي، جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ دين حق ڏئي موڪليو تان تہ ان کي سيني دينن تي غالب ڪري ۽ الله شاهد ڪافي آهي.]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (2)

[محمد توهان مان ڪنهن بہ هڪ مرد جو پيءُ نہ آهي، پر الله جو رسول ۽ نبين جي سلسلي جي آخري مهر آهي.]

مؤمن ۽ مسلمان دل ۽ جان جي سچائيءَ سان پاڻ سڳورن جي رسالت تي ايمان رکن ٿا، زبان سان اقرار ڪن ٿا ۽ قرآن مجيد جي پڌرن حڪمن احڪامن مطابق اعتقاد رکن ٿا تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي اچڻ سان سڀ دين ۽ سڀ ملتون منسوخ ٿي ويون ۽ پاڻ سڳورن تي لٿل خدا تعالىٰ جي ڪتاب قرآن مجيد سان سمورا ڪتاب باطل (غير مؤثر) ٿي ويا. پاڻ سڳورن جي نبوت ۽ رسالت، نبوت ۽ رسالت جي سلسلي تي آخري مهر آهي. هاڻي نبوت جو دروازو هميشه لاءِ بند آهي، تنهن ڪري آئنده هر قسم جي نبوت جي دعويٰ مردود ۽ باطل ليکي ويندي ۽ جيڪو بہ شخص پاڻ سڳورن جي آندل شريعت جي پيروي نہ ڪندو يا سندن شريعت پاڻ تي واجب ۽ لازم نہ ڄاڻندو اهو شيطان جو دوست ۽ رحمن جو دشمن آهي. جيئن چيو ويو آهي:

بيت

محمد عربي كامراني هردو سرا است
كسي كه خاك درش نيست، خاك برسر اوست.

[محمد ﷺ ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي، جيڪو بہ پاڻ سڳورن جي در جي مٽي نہ آهي، ان جي مٽي تي مٽي پوي.]

---

(1) الفتح آيت: ٢٨

(2) الاحزاب آيت: ٤٠

www.maktabah.org

جيڪڏهن ڪنهن اسلام جي دشمن کان عجيب غريب ۽ عام قدرتي اصول جي ابتڙ کي واقعو ظاهر ٿئي تہ ان کي ڪرامت نہ پر مڪر ۽ استدراج يعني قدرت طرفان ڪجهي تدبير ۽ آزمائش سمجهڻ گهرجي، جيئن درياءَ نيل فرعون سان گڏ هلندو هو ۽ جڏهن اهو بيهندو هو تہ نيل درياءُ بہ بيهندو هو. اها! الله تعالي جي ڪجهي تدبير آهي تان تہ اهڙي قسم جي واقعن ذريعي ڪافرن ۽ گمراهن کي الله تعالي سندن ڪفر ۽ گمراهيءَ ۾ وڌائي ۽ ايمان قبول ڪرڻ کان محروم رکي. البتہ جيڪي الله جا ولي ۽ صديق آهن، انهن کان رسول الله ﷺ جن جي تابعداري ۽ پيرويءَ جي ڪري ممڪن آهي تہ انهن کان عام اصول جي ابتڙ واقعو ظاهر ٿئي تان تہ انهيءَ ذريعي يقين ۽ ايمان ۾ استحڪام پيدا ٿئي ۽ ان سان رسول الله ﷺ جن جي نبوت ۽ رسالت کي برحق ثابت ڪري. ولايت ۽ هدايت جي وات تي پهچائي.[1]

خدا جي حبيب ﷺ جن فرمايو آهي:

انا احمد بلا ميم

يعني آءٌ احمد آهيان مين کان سواءِ.

گلشن راز واري پڙ چيو آهي:

احد در ميم احمد گشت ظاهر

همہ عالم درين ميم است باهر

هو ڪڏهن احد تہ ڪڏهن احمد ٿيو. جڏهن احد آهي تہ نزول ڪندڙ هو پاڻ آهي پر جڏهن احمد آهي تہ رسالت سان منسوب ٿيو. تڏهن اهو پاڻ ئي فرقان ۽ برهان آهي، ليڪن جڏهن جبرئيل عليہ السلام قرآن جي آيت آڻيندو هو تہ پاڻ ماڻهن کي قرآن ٻڌائيندا هئا، پر جڏهن پنهنجي طرفان ڪجهہ چوندا هئا تہ ان کي حديث ڪوٺيندا هئا. اهو سڀ ڪجهہ حق تعالي پاڻ پنهنجي حڪمت ۽ مشيت سان پنهنجي خالقيت ۽ ربوبيت کي سينگاريو ۽ پنهنجو پاڻ تي جلوو ڪيائين ان لحاظ سان پاڻ موڪلندڙ ۽ موڪليل آهي ۽ ان ڪري موڪلندڙ موڪليل ۽ جنهن ڏانهن موڪليو ويو آهي انهن ۾ تفاوت ڪونهي. ائين ذات جو ذات ڏانهن پيغام آهي.

---

(1) هتي قلمي نسخي جو هڪ ورق شهيد ٿيل آهي.

www.maktabah.org

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي معنيٰ

ڄاڻڻ گهرجي تہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ڪلمي جي معنيٰ بہ اها ئي آهي، تہ الله جي نالي کان سواءِ، ڪا شيءِ موجود نہ آهي، سواءِ محمد رسول الله ﷺ جي، جيئن ارشاد فرمائي ٿو تہ:

لَوْلَاكَ يَا مُحَمَّدُ لَمَا اَظْهَرْتُ رُبُوْبِيَّتِيْ

[اي نبي ﷺ! تون نہ هجين ها تہ پنهنجي ربوبيت کي ظاهر نہ ڪريان ها.]

اصحابن سڳورن مان هڪ شخص ڪلمو پڙهندو هو تہ فقط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوندو هو. ڪنهن ان کي چيو تہ "محمد رسول الله ﷺ چو نٿو چوين؟" جواب ڏنائين تہ: جيئن تہ حقيقت محمدي نٿو ڄاڻان، تنهن ڪري محمد رسول الله ﷺ نٿو چوان. البت حضور ﷺ جن جي حقيقت جو اظهار واجب ڄاڻان ٿو ان ڪري لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوان ٿو. صديق اڪبر رضي الله عنه جڏهن بہ ڪلمو پاڪ پڙهندو هو تہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ چوندو هو. حضرت عين القضاة رحمة الله عليه چيو آهي تہ: "جڏهن توهان جي ويجهو محمد هوندو آهي، اسان جي ويجهو الله جل جلاله هوندو آهي ۽ جڏهن توهان جي ويجهو الله جل جلاله هوندو آهي تہ اسان جي ويجهو محمد رسول الله ﷺ هوندو آهي". پر ڄاڻڻ گهرجي تہ هي هڪ بزرگ جو قول آهي، ڪا حديث رسول پاڪ نہ آهي.

اي منهنجا عزيز! ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جي باري ۾ اها نسبت ڪرڻ تہ مٽي يا هيڻ آهي، اهو ان کان پاڪ آهي، انهيءَ ڪري پنهنجي مخلوق ڏانهن پنهنجي رسول کي موڪليو اٿس، تان تہ کين هدايت جي واٽ ونائي، حالانڪ الله تعاليٰ هر قسم جي دانائي ۽ پلائي تي قادر ۽ هر هنڌ حاضر ناظر آهي. بلڪ اهوئي هر هنڌ موجود آهي، يعني ظاهر ۽ باطن ۾ جيڪو بہ آهي، اهوئي آهي ۽ حقيقت ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي، اها ئي معنيٰ آهي الله جل جلاله جي. چون ٿا تہ جڏهن الله تعاليٰ ظاهر هو تہ مخلوق باطن ۾ هئي ۽ جڏهن مخلوق نروار ٿي تہ الله تعاليٰ باطن ۾ هليو ويو. پڙ چيو اٿن تہ هن جهان جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ عين حق ۽ ان جي ظاهر ٿيڻ کان بعد حق عين عالم ٿي ويو.

www.maktabah.org

يعني پنهي جي غرض غايت ظاهر ۾ باطن آهي.

يعني مخلوق وسيلي الله تعالي پنهنجي شان ربوبيت کي ظاهر ڪري، الوهيت جي ڳجهي خزاني کي حڪمت ۾ دانائيءَ سان سنواري سينگاري آشڪار ڪيو. پوءِ اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ الله تعالي کان سواءِ ڪا بي شيءِ بہ آهي، ان لاءِ دليل هي آهي تہ:

لَا مَوْجُوْدَ فِي الدَّارَيْنِ اِلَّا هُوَ وَلَا شَيْءَ مَوْجُوْدٌ غَيْرُ اللهِ

[پنهي جهانن ۾ الله کان سواءِ ڪا شيءِ موجود نہ آهي ۽ الله کان سواءِ ڪنهن جو بہ وجود نہ آهي.]

ڇاڻڻ گهرجي تہ "صورت" جسم جو نالو ۽ "معني" جسم جي جان آهي.

بيت

محمد اسم جسم است و خدا خالق
بيا بنگر بنور عين ايمان
همان جسم و همان جان مرترا هست
بجان و دل مُمَيّز باش اي جان
صفات خود چون يکدم محو سازی
ز ذات خويش نکتهء ذات جانان
چون نکتهء ذات مي بايد بخاطر
همه او وحي و پيغام مرسلان.

[محمد جسم جو نالو آهي ۽ خدا تعالي خالق آهي! (ان حقيقت کي) نور ايمان سان ڏس. اي پيارا! جسم ۽ جان سڀ صرف تنهنجي لاءِ آهي، جو جان ۽ دل کي جدا جدا سمجهين تون پر جڏهن پنهنجين صفتن کي گم ڪندين (تہ سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويندئي) پنهنجي ذات کي الله جي ذات تي گهري فڪر سان غور ڪر. جڏهن ذات جو نُڪتو دل ۾ سمائجي ويندو تہ پيغمبرن تي وحي جو اچڻ ۽ سندن پيغام بہ سمجهہ ۾ اچي ويندا.]

اهو ئي مطلب آهي هن فرمان جو تہ

اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَاَنَا سِرُّهٗ

[انسان منهنجو راز ۽ آءٌ ان جو راز آهيان.]

www.maktabah.org

جاڻڻ گهرجي ته انسان خدا جو مظهر ۽ ان جو پيغام آهي، جيڪو باطن مان ظاهر ٿيو آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ(1)

[الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ۽ توهان کي ان ڏانهن ئي موٽايو ويندو.]

يعني هر ذري ۽ هر شيءِ جي حقيقت ان ڏانهن موٽي ٿي، بلڪ اهو ئي عين آهي. جڏهن اصحابن سڳورن حضرت اويس قرنيءَ وٽ رسول الله ﷺ جن جو جُبو آندو ته حضرت عمر رضہ ان کان پڇيو ته اي اويس! رسول الله ﷺ جن جي زيارت ڪرڻ چونہ آئين؟ خواجه صاحب فرمايو ته توهان پاڻ سڳورن کي ڏٺو آهي؟ حضرت اُمير المؤمنين عمر رضي الله عنه فرمايو ته بيشڪ! خواجه صاحب پڇيو ته پاڻ سڳورن کي ڪهڙي طرح ڏٺو اٿوَ؟ سندن پيشاني ڪشادي هئي ۽ سندن بيا جسماني نقش و نگار يا مهانڊا ڪهڙا هئا؟ چيائين نہ نڪا اهو وڏو ڳجهہ ۽ راز آهي، جيڪو هر شخص جي سمجهہ ۾ نٿو اچي سگهي، چاڪاڻ ته فرمايو ويو آهي ته:

مَنْ رَاٰنِيْ فَقَدْ رَاَى الْحَقَّ(2)

[جنهن مون کي ڏٺو پوءِ بيشڪ انهيءَ حق کي ڏٺو.]

روايت آهي ته هڪ ڏينهن حضرت جبرئيل عليه السلام، رسول الله ﷺ جن وٽ الله تعالي جا سلام ۽ پيغام پهچايا. پاڻ سڳورن جبرئيل امين کان پڇيو، ته جڏهن الله تعالي جي بارگاه صمديت مان توکي آواز ايندو آهي ته چا ان کي ڏسندو به آهين؟ چيائين ته سندس ديدار جي طاقت نہ آهي، پردي جي پويان آواز ٻڌندو آهيان. رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: جڏهن ٻئي پيري توکي مون ڏانهن پيغام ڪٽي اچڻ جو حڪم ملي ته پردو هٽائي (بارگاه اقدس کي) ڏسڻ جي ڪوشش ڪجانءِ توکي اها سعادت ۽ دولت حاصل ٿي ويندي. جبرئيل امين خدا تعالي جي خليفي جي فرمان مطابق جرئت

---

(1) القصص آيت : ٨٨

(2) پوري حديث هن طرح آهي: من راني في المنام..... جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو تنهن واقعي مون کي ڏٺو چاڪاڻ ته شيطان منهنجي صورت ۾ نٿو اچي سگهي: المعجم الكبير حديث : ١٢٤٠٣- صحيح مسلم حديث : ٢٢٢٦- صحيح بخاري حديث : ١١٠- ترمذي حديث : ٢٢٧٦- مجمع الزوائد ص١٨١ ج٧.

www.maktabah.org

ڪري پردو پري ڪري ڏنو ۽ پوءِ پاڻ سڳورن وٽ حاضر ٿيو. رسول الله ﷺ جن پڇيو تہ: اي منهنجا ياءُ جبرئيل! ڇا ڏٺئي. عرض ڪيائين تہ توهان جي صورت ۽ پٽ خدا تعالي جو نور ڏٺم. جيئن فرمائي ٿو:

يَا نُوْرَ مَعْدَنِيْ وَيَا سِرَّ سِرِّيْ وَيَا خَزَآئِنَ مَعْرِفَتِيْ اَفْدَيْتُ مُلْكِيْ عَلَيْكَ يَا مُحَمَّدُ كُلُّهُمْ يَطْلُبُوْنَ رِضَائِيْ وَاَنَا اَطْلُبُ رِضَاكَ[1]

[اي منهنجي خزاني جا نورا اي منهنجي ڳجهه جا رازا اي منهنجي معرفت جا خزانا ! مون پنهنجو ملڪ تنهنجي مٿان فدا ڪيو. سموري مخلوق منهنجي رضا طلب ڪري ٿي ۽ آءٌ تنهنجي رضا جو طالب آهيان.]

روضة الاحباب ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي پيدائش سومر جي ڏينهن يارهين تاريخ ماه مبارڪ ربيع الاول ۾ ٿي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورا يارهين ربيع الاول تي پيدا ٿيا.

يارهين تاريخ تي ئي قرآن مجيد نازل ٿيو ۽ چون ٿا تہ رحلت بہ سومر جي ڏينهن فرمايائون. معراج بہ سومر جي ڏينهن ٿي. سفر بہ اڪثر جمعي يا سومر جي ڏينهن يا اڱاري يا اربع تي شروع ڪندا هئا. جڏهن سفر تي روانا ٿيندا هئا تہ هي دعا گهرندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بِكَ انْتَشَرْتُ وَاِلَيْكَ تَوَجَّهْتُ وَبِكَ اعْتَصَمْتُ اَنْتَ ثِقَتِيْ وَرَجَائِيْ اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ مَا اَهَمَّنِيْ وَمَا لَا اَهْتَمُّ بِهٖ وَمَا اَنْتَ اَعْلَمُ بِهٖ مِنِّيْ[2]

[اي الله! تنهنجي ذريعي نڪران ٿو ۽ توڏانهن توجه ڪريان ٿو ۽ توکي مضبوطيءَ سان پڪڙيان ٿو ۽ تون منهنجي اميد ۽ منهنجو ويساه آهين. اي الله! جيڪا شيءِ مون کي تڪليف ڏي ٿي يا جيڪا مون کي تڪليف ڏيندي ۽ جنهن کي منهنجي بجاءِ تون ڄاڻين ٿو ان کان مون کي ڪافي ٿيءُ.]

۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ:

وَفِيْ رِوَايَةٍ: عَزَّ جَارُكَ وَجَلَّ ثَنَاءُكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ[3]

---

(1) حديث جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ اها حديث ثابت نہ آهي.

(2) مجمع الزوائد. ص ۱۳۰ ج ۱۰- سنن بيهقي- ص ۲۵۰ج۵

(3) مجمع الزوائد. ص ۱۸۷ ج۱۰، ترمذي حديث: ۳۵۲۳ مسند ابن ابي شيبه حديث:

www.maktabah.org

[تنهنجي عزت قائم دائم ۽ تنهنجي ساراه سدائين باقي آهي ۽ توکان سواءِ کوبہ معبود نہ آهي.]

ولادت نبوي ﷺ ۽ درود جي فضيلت جو بيان

رسول الله ﷺ جن جي پيدائش، مکي پاڪ تي حملو ڪندڙ هاٿين جي لشکر جي تباهي واري سال ٿي، جنهن کي "عام الفيل" چون ٿا. رسول الله ﷺ جن جي برڪت سبب مکي ۽ مکي وارن تان الله تعالي اها مصيبت ٽاري. علماءَ فرمائين ٿا تہ اهو واقعو بہ رسول الله ﷺ جن جي نبوت جي نشانين مان آهي. ڪي چون ٿا تہ پاڻ سڳورا انهيءَ واقعي کان پنجونجاهہ ڏينهن ۽ ڪي چون ٿا تہ چاليهہ ڏينهن بعد ۾ پيدا ٿيا. هڪ قول مطابق اصحاب فيل جو واقعو ۽ رسول الله ﷺ جن جي پيدائش ساڳئي ڏينهن ٿي. وري ڪي چون ٿا تہ ساڳئي سال پيدا ٿيا ۽ ڪي چون ٿا تہ چاليهن سالن کان پوءِ پيدا ٿيا. مشهور آهي تہ پاڻ ڪريم ربيع الاول مهيني جي يارهين تاريخ تي پيدا ٿيا. ڪن عالمن جي قول مطابق جڏهن پاڻ ظاهر ٿيا تہ سيني نبين آسمانن جي فرشتن ۽ زمين جي سموري مخلوق سندن استقبال ڪيو. انهيءَ وقت سمورا گهر نور محمدي سان ائين منور ٿي ويا، جو انهيءَ روشنيءَ کان سواءِ بي ڪا شيءِ نہ هئي. سدوري روءِ زمين نوراني ٿي وئي. سڀ بت اونڌا ٿي ڪري پيا. ابليس ۽ ان جا ڪل لشکر قيد ڪيا ويا. ڪيترا عجيب غريب واقعا ظاهر ٿيا، جنهن جو تفصيل بيان ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ڪن ڳالهين ڏانهن مٿي اشارو ڪيو ويو.

رباعي

ز دولت وجودش جهان منور شد
زمين و زمان جمله معمور شد

٢٩١٧٦ المعجم الصغير حديث: ٩٨٤ المعجم الكبير حديث: ٣٨٣٩، الترغيب الترهيب حديث: ٣٣٨٤

www.maktabah.org

همه باطل از ملک دور آمده
تو گويي که حق در ظهور آمده.

[سندن وجود جي طفيل جهان منور ٿيو سموري زمين ۽ جهان نور سان پرجي ويو. باطل دنيا مان پڄي ويو. تون چؤ تہ حق پاڻ ظاهر ٿي ويو.]

نبي ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي تہ سڀ کان پهريائين مون تي منهنجو رب صلوة پڙهي ٿو. پاڻ سڳورن تي الله تعالي جي طرفان "صلوة" جي معني آهي مٿن رحمت موکلڻ. ملائکن جي طرفان صلوة پڙهڻ جو مطلب آهي سندن لاءِ استغفار کرڻ ۽ مؤمنن جي طرفان صلوة پڙهڻ جو مطلب آهي سندن ساراه، عظمت بيان کرڻ ۽ سندن لاءِ دعا کرڻ. هک درويش کنهن فقير کان دعا جي درخواست کئي ۽ چيائين تہ دعا جي حيثيت کهڙي آهي. فقير جواب ڏنو تہ ٻئي مؤمن لاءِ دعا گهرڻ مستحب، يا سنت يا فرض آهي.

مستحب جو مطلب آهي تہ هک مؤمن ٻئي مؤمن ياءُ جي خير خيريت، عافيت ۽ ڀلائي چاهي ۽ سنت هن طرح آهي تہ پاڻ سڳورا اڪثر بلال رضي الله عنه کي فرمائيندا هئا تہ:

يَا بِلَالُ ادْعُنِيْ [اي بلال! منهنجي لاءِ دعا گهر.]

اهڙي طرح پاڻ سڳورا، اصحابن سڳورن کان پنهنجي لاءِ دعا گهرائيندا هئا. جيئن امير المؤمنين عمر بن خطاب رضي الله عنه کي عمري تي وڃڻ وقت فرمايائون تہ:

يَا أَخِي ادْعُنِيْ فِي الْخَلْقِ وَأَنَا أَدْعُوْكَ فِي الْخَلْوَةِ[1]

[اي منهنجا ياءُ! منهنجي لاءِ ماڻهن جي ميڙ ۾ دعا گهر تہ آءٌ تنهنجي لاءِ اڪيلائيءَ ۾ دعا گهرندس.]

اها حديث حضرت عمر رضي الله عنه کان "کتاب الاکتفاء في فضيلة اربع وهاءِ" ۾ منقول آهي. فرض دعا جي باري ۾ الله تعالي قرآن مجيد

---

(1) حديث جي کتابن ۾ اهي نہ، پر هي لفظ ملن ٿا: يا اخي لا تنسنا في دعائک، يعني جڏهن حضرت عمر رضہ عمري تي وڃڻ لڳو تہ کيس فرمايائون تہ اي منهنجا ياءُ! سان کي پنهنجي دعا ۾ نہ وسارجانءِ. (بيهقي ص ٢١٥ج٥- مسند احمد ص٢٩ج١- ابوداؤد ص٨١ج٢- الاحاديث المختارة ص٢٩٣، ٢٩٢، ٢٩٤ ج١)

www.maktabah.org

۾ ايمان وارن کي حڪم فرمائي ٿو ته:

إِنَّ اللَّهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا[2]

[بيشڪ الله ۽ ان جا فرشتا نبي ڪريم ﷺ تي درود موڪلن ٿا، اي ايمان وارؤ! توهان به مٿن درود ۽ سلام موڪليو.]

يعني پاڻ سڳورن ﷺ جن جي لاءِ رحمت جي دعا گهرو. ڇاڪاڻ ته رحمت مان مراد "دعا" به آهي. يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته توهان منهنجي حبيب جي حق ۾ منهنجي درگاه ۾ دعا گهرو. غرض ته ڪن محققن جي قول مطابق الله تعاليٰ طرفان درود موڪلڻ جو مطلب آهي مٿن رحمت موڪلڻ. امام الاولياءَ محمد غزالي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته درود انساني شرف ۽ قدر مطابق آهي ۽ ان جو اعتبار هن تي آهي ته ڪنهن تي درود موڪليو ويجي ٿو يعني جيڪو جيتري بلند مرتبي ۽ درجي وارو هوندو انهيءَ نسبت سان الله جي رحمت به ان تي نازل ٿيندي آهي ۽ لفظ "صلوة" جو تعلق "عليٰ" سان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي واسطيدار شخص تي الله تعاليٰ جي رحمت جو نازل ٿيڻ. عالمن جي اتفاق موجب اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ جي معنيٰ اها آهي ته اي الله! پنهي جهانن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کي بلند درجو عطا فرماءِ. يعني سندن دين جي قيام يا سندن دعوت جي اشاعت يا سندن شريعت جي استحڪام ذريعي کين عظمت عطا فرماءِ، يا آخرت ۾ سندن ثواب ۾ بيحد، بيحساب واڌارو عطا فرماءِ، يا کين اولين ۽ آخرين سيني تي فضيلت عنايت فرماءِ ۽ سيني نبين ۽ رسولن کان سندن مانُ ۽ شان مٿانهون ڪر جو قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريائين پاڻ سڳورا شفاعت ڪن ۽ پاڻ ئي جنت ۾ داخل ٿين ۽ کين جنت ۾ سڀ کان مٿانهون درجو عطا فرماءِ. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو ته:

إِنَّ اللَّهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا[1]

[بيشڪ الله ۽ ان جا فرشتا نبي ڪريم ﷺ تي درود موڪلن ٿا، اي ايمان وارو! توهان به مٿن درود ۽ سلام موڪليو.]

---

(2) سورة الاحزاب آيت: ٥٦

(1) سورة الاحزاب آيت: ٥٦

www.maktabah.org

جمهور علماءَ وٽ هن آيت مطابق هر وقت درود پڑهڻ واجب آهي. ڪيترا عالم سڳورا چون ٿا ته پوري زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو درود پڑهڻ واجب آهي ۽ وڌ ۾ وڌ درود پڑهڻ مستحب ۽ افضل آهي. ڪن هنڌن تي درود مستحب آهي، مثلاً نماز ۾ التحيات کان پوءِ درود پڑهڻ. رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي ته: جيستائين مون تي درود نٿو پڑهجي، دعا آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ٽنگيل رهي ٿي. اها روايت امير المؤمنين عمر رضي الله عنه کان منقول آهي.[1]

درود جي مستحب هجڻ جو ٻيو وقت مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت آهي ۽ ٽيون وقت، جڏهن مؤذن اذان ڏئي ختم ڪري. اهڙي طرح جڏهن به نبي ڪريم ﷺ جن جو نالو ٻڌجي، لکجي يا زبان سان ادا ڪجي ته بعض حنفي ۽ شافعي امامن وٽ درورد پڑهڻ مستحب آهي. پر ڪن عالمن وٽ جڏهن به پاڻ سڳورن جو نالو اچي ان وقت درود پڑهڻ واجب آهي، ڇاڪاڻ ته پاڻ سڳورن جي حديث آهي ته:

اَلْبَخِيْلُ مَنْ ذُكِرْتُ عِنْدَهٗ فَلَمْ يُصَلِّ عَلَيَّ[2]

[بخيل اهو شخص آهي، جنهن جي سامهون منهنجو نالو ورتو وڃي ۽ اهو مون تي درود نه پڑهي.]

ٻي روايت ۾ هي لفظ آهن ته:

مَنْ ذُكِرْتُ عِنْدَهٗ فَلَمْ يُصَلِّ عَلَيَّ فَقَدْ شَقِيَ[3]

[جنهن جي سامهون منهنجو نالو ورتو وڃي ۽ اهو مون تي درود نه پڑهي ته اهو بدبخت آهي.]

ابوهريره رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي ته رسول الله ﷺ جن وٽ

---

(1) تفسير ابن كثير ص٥١٥ ج٣- ترمذي حديث:٤٨٦- الترغيب و الترهيب حديث: ٢٥٩٠- فتح الباري ص١٦٤ج١١- فيض القدير ص٥٤٣ ج٣- تهذيب الكمال حديث:٧٥٧٧- العلل المتناهية ص٨٤٢ج٢

(2) ابن حبان ص ١٨٦ج ٣- احمد ص ٢٠١ ج١- شعب الايمان ص ٢١٣ج٢- معجم الكبير ص ١٢٧ ج ٣- حاكم ص ٧٣٤ج ١- سنن دارقطني ص ١٠١ ج ٣.

(3) معجم الاوسط ص ٦٢ ج ٤- فيض القدير ص ٢٩ ج ٦- كشف الخفاء ص ٣٣٤ج ٢- لسان الميزان ص ٦٨ ج ٦- ميزان الاعتدال ص ٤٨٤ج ٦.

www.maktabah.org

حضرت جبريل امين آيو جنهن دعا ڪئي ته اي الله جا رسول! جيڪو شخص توهان جو نالو ٻڌڻ جي باوجود توهان تي درود نه پڙهي ته الله تعالىٰ ان کي پنهنجي رحمت کان محروم فرمائي. جنهن تي مون آمين چئي.[1] هڪ حديث ۾ آهي ته:

مِنَ الْجَفَاءِ اَنْ اَذْكُرَ عِنْدَ رَجُلٍ فَلَا يُصَلِّيْ عَلَيَّ [2]

[اها ڏاڍي ظلم ۽ جفا جي ڳالهه آهي، جو ڪنهن ماڻهو جي سامهون منهنجو ذڪر ڪيو وڃي، پوءِ به مون تي درود نه پڙهي.]

اهي حديثون درود جي واجب هجڻ تي دلالت ڪن ٿيون. ان ڪري جڏهن به پاڻ سڳورن جو نالو اچي ته درود پڙهجي. امير المؤمنين عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته مون تي جمعي جي رات وڌ ۾ وڌ صلوة سڳوري پڙهندا ڪريو. بيشڪ توهان جي صلوة مون تي (جمعي جي رات) پيش ٿيندي آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ كُلَّمَا ذَكَرَهُ الذَّاكِرُوْنَ وَكُلَّمَا غَفَلَ عَنْ ذِكْرِهِ الْغَافِلُوْنَ

[اي الله! حضرت محمد ﷺ ۽ سندس آل تي رحمت موڪل

---

(1) پوري حديث هن طرح آهي ته هڪ پيري منبر تي ٽي پيرا فرمايائون آمين، آمين، آمين. عرض ڪيائون ته سڳورا سائين! خلاف معمول توهان ٽي پيرا آمين ارشاد فرمائي آهي، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ فرمايائون ته جبريل امين دعا گهري ته جيڪو شخص رمضان جو مهينو لهي ۽ پنهنجا گناه نه بخشرائي ته الله ان کي پنهنجي رحمت کان محروم ڪري، مون چيو ته آمين. وري دعا گهريائين ته جنهن بانهي وٽ توهان جو ذڪر مبارڪ ٿئي ۽ توهان تي درود نه پڙهي ته الله ان کي پنهنجي رحمت کان محروم ڪري، مون چيو ته آمين. ٽين دعا گهريائين ته جيڪو شخص پنهنجي پيءُ ماءُ کي (ڪراڙپ جي حالت ۾) لهي، پوءِ سندن خدمت ڪري جنت ۾ حاصل نه ڪري ته الله ان کي پنهنجي رحمت کان محروم ڪري، مون چيو ته آمين. (قرطبي ص ۲۴۲ج ۱۰- ابن ڪثير ص ۳۵ ج ۳- ابن خزيمه ص ۱۹۲ ج ۳-ابن حبان ص ۱۴۰ج ۲- مجمع الزوائد ص ۱۳۹ ج ۸- سنن بيهقي ص ۳۰۴ ج ۴- المعجم الكبير ص ۲۴۳ج ۲- شعب الايمان ص ۲۱۵ ج ۲. مسند بزار۵۲۴۱ ج۴- الترغيب والترهيب ص۲۱۹ج۳)

(2) فتح الباري ص ۱۶۸ ج ۱۱- فيض القدير ص ۵ ج ۵.

www.maktabah.org

جڏهن به ذڪر ڪندڙ سندس ذڪر ڪن ۽ جڏهن به غافل سندس ذڪر ڪان غافل رهن.]

هڪ حديث ۾ آهي ته جيڪو شخص نبي ڪريم ﷺ تي هڪ درود پڙهي ٿو ته الله تعالي ان تي ڏهه رحمتون موڪلي ٿو [1]

ان حديث مان معلوم ٿيو ته نبي ڪريم ﷺ تي وڌ ۾ وڌ درود پڙهڻ گهرجي تان ته دنيا ۽ آخرت ۾ وڌ ۾ وڌ الله تعالي جي رحمت، برڪت، سعادت، مرتبي، درجي ۽ مهرباني ۽ جو حقدار ٿجي.

قرآن مجيد ۾ بيان ٿيل نبي ﷺ جا نالا مبارڪ

١ـ مُحَمَّدٌ ارشاد باري تعالي آهي:

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ (محمد الله جو رسول آهي)

٢ـ مَحْمُوْدٌ: عَسٰى رَبُّكَ اَنْ يَّبْعَثَكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا [ويجهو آهي ته تنهنجو رب توکي مقام محمود عطا فرمائي.]

٣ـ اَحْمَدُ: حضرت عيسيٰ فرمايو ته: رَسُوْلٌ يَّاْتِيْ مِنْ بَعْدِي اسْمُهٗۤ اَحْمَدُ [مون کان بعد هڪ رسول ايندو سندس نالو احمد آهي.]

٤ـ مُصْطَفٰى: اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ [الله جنهن کي چاهي ٿو چونڊي ٿو.]

٥ـ مُجْتَبٰى: لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ [ليڪن الله تعالي جنهن کان الله راضي ٿئي.]

٦ـ مُرْتَضٰى: اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى [سواءِ ان جي جنهن کان الله راضي ٿئي.]

٧ـ مُقْتَدٰى: لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ [بيشڪ توهان لاءِ رسول الله ﷺ ۾ بهترين نمونو آهي.]

٨ـ مُخْتَارٌ: وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ [۽ تنهنجو رب جيڪي چاهي ٿو خلقي ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو پسند ڪري ٿو.]

٩ـ مُفَضَّلٌ: وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰى بَعْضٍ [۽ بيشڪ اسان بعض نبين کي بعض

---

(1) فتح الباري ص ١٦٨ ج ١ـ المعجم الاوسط ص ١٨٨ ج ٧ـ احمد ص ١٠٢ ج ٣ـ المعجم الصغير ص ١٢٦ ج ٦ـ شعب الايمان ص ٣٠٩ ج ٢.

www.maktabah.org

تي فضيلت ڏني.]

١٠- مُعَزِّرٌ : وَتُعَزِّرُوْهُ [ٻ توهان ان جي مدد كريو.]

١١- مُوَقِّرٌ : وَتُوَقِّرُوْهُ [ٻ توهان ان جو اكرام ٻ عزت كريو.]

١٢- مُقَرِّبٌ : فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى [پوءِ ان كي ٻن كمانن جيترو يا ايڇا ٻ وڌيڪ ويجهو ٿيو.]

١٣- مُؤَيِّدٌ : وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا [ٻ هڪ لشكر سان سندس مدد كيائين، جنهن كي توهان نه پئي ڏٺو.]

١٤- مُعَلِّمٌ : عَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ [توكي اهو سيكاريائين جيكي تون نه ڄاڻندو هئين.]

١٥- مُحَكِّمٌ : حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ [تانجو توكي فيصلو كندڙ مڃين.]

١٦- عَالِمٌ : فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ [پوءِ پڪ ڄاڻ ته الله كان سواءِ كو معبود نه آهي.]

١٧- حَاكِمٌ : اَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ [هي ته انهن جي درميان فيصلو كر.]

١٨- خَاتَمٌ : خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ [سيني كان آخري نبي يا نبين جي سلسلي كي ختم كرڻ وارو.]

١٩- صَابِرٌ : فَاصْبِرْ [پوءِ تون صبر كر.]

٢٠- شَاكِرٌ : وَكُنْ مِّنَ الشَّاكِرِيْنَ [ٻ شكر كندڙ مان ٿيءُ.]

٢١- ذَاكِرٌ : وَاذْكُرْ رَّبَّكَ [ٻ پنهنجي رب كي ياد كر.]

٢٢- طٰهٰ : طٰهٰ مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰى [طٰهٰ اسان هي قرآن توتي هن كري نازل نه كيو آهي، ته جيئن تكليف ۾ پوين.]

٢٣- عَابِدٌ : وَاعْبُدْ رَبَّكَ [ٻ پنهنجي رب جي عبادت كر.]

٢٤- سَاجِدٌ : وَكُنْ مِّنَ السَّاجِدِيْنَ [ٻ سجدو كندڙ مان ٿيءُ.]

٢٥،٢٦- شَاهِدٌ، مُبَشِّرٌ : اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا [بيشك اسان توكي گواه ٻ بشارت ڏيندڙ كري موكليو.]

www.maktabah.org

٢٧،٢٨- بَشِيْرٌ، نَذِيْرٌ : إِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا [بيشڪ اسان توکي حق سان بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو.]

٢٩- دَاعِيْ وَدَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ [۽ الله ڏانهن دعوت ڏيندڙ ڪري موڪليو.]

٣٠- سِرَاجٌ : سِرَاجًا مُّنِيْرًا [روشن ڏيئو.]

٣١- صَاحِبُ : مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى [توهان جو ساٿي نہ گمراه ٿيو ۽ نہ انهيءَ ڏوکو کاڌو.]

٣٢- اٰمِرٌ بِالْمَعْرُوْفِ : يَاْمُرُكُمْ بِالْمَعْرُوْفِ [توهان کي نيڪيءَ جو حڪم ڪري ٿو.]

٣٣- اَلنَّاهِيْ عَنِ الْمُنْكَرِ : يَنْهٰهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ [انهن کي برائيءَ جي ڪمن کان روڪي ٿو.]

٣٤- قَمَرٌ : قَمَرًا مُّنِيْرًا [روشن چنڊ]

٣٥- قَاضِيْ : اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ [جڏهن الله ۽ سندس رسول فيصلو ڪري.]

٣٦- هَادِيْ : اِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ [بيشڪ تون سڌي واٽ ڏيکارين ٿو.]

٣٧- قَارِئ : اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ [پنهنجي رب جي نالي سان پڙهه.]

٣٨- مُهْتَدِيْ : لِيَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا [تان تہ توکي سڌي واٽ ڏيکاري.]

٣٩- مُكْفِيْ : فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ [پوءِ سگهوئي الله تعالي انهن جي مقابلي ۾ توکي ڪافي ٿيندو ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.]

٤٠- مُصَلِّيْ : فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ [پوءِ پنهنجي رب جي لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر.]

٤١- مُزَكِّيْ : يُزَكِّيْهِمْ [انهن کي پاڪ ڪري ٿو.]

٤٢- مُنَادِيْ : سَمِعْنَا مُنَادِيًا [ٻڌوسون اعلان ڪندڙ کي.]

٤٣- مُبَلِّغٌ : بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ [جيڪي ڪجهه توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، ان کي پهچاءِ.]

٤٤- مُبِيْنٌ : لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ [تان تہ تون بيان ڪرين ماڻهن لاءِ.]

٤٥- مُعَلِّمٌ : وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ [۽ سيکاري انهن کي ڪتاب.]

٤٦- مُذَكِّرٌ : اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ [۽ بيشڪ تون تہ هڪ نصيحت ڪندڙ آهين.]

www.maktabah.org

۴۷- مُزَّمِّلٌ: يَاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ [اي چادر ويڙهڻ وارا!.]

۴۸- مُدَّثِّرٌ: يَاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ [اي ڪپڙو ويڙهڻ وارا.]

۴۹- مُطَهِّرٌ: يُطَهِّرُكُمْ تَطْهِيرًا [توهان کي چڱيءَ ريت پاڪ ڪري.]

۵۰- مُصَدِّقٌ: مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ [جيڪي ان کان اڳ آهن، انهن جي تصديق ڪندڙ.]

۵۱- مُؤْمِنٌ: اٰمَنَ الرَّسُوْلُ [ايمان آندو رسول سڳوري.]

۵۲- مُسَبِّحٌ: فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ [پوءِ پنهنجي رب جي ساراه سان پاڪائي بيان ڪر.]

۵۳- مُرَتِّلٌ: وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا [ءِ ناهي ناهي قرآن پڙهه.]

۵۴- مُبَتِّلٌ: وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا [ءِ ان ڏانهن يڪسو ٿيءُ.]

۵۵- مُتَوَكِّلٌ: وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ [ءِ الله تي توڪل ڪر.]

۵۶- مُتَهَجِّدٌ: وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ [ءِ رات جو اٿي تهجد نماز پڙهه.]

۵۷- مُسْتَعِيْذٌ: فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ [پوءِ الله جي پناه وٺ.]

۵۸- مُسْتَغْفِرٌ: وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ [ءِ پنهنجي خطا جي بخشش گهر.]

۵۹- مُسْتَقِيْمٌ: فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ [پوءِ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي، تيئن الله جي حڪم تي قائم رهه.]

۶۰- مُرْسَلٌ: اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ [بيشڪ اسان توکي رسول ڪري موڪليو.]

۶۱- رَسُوْلٌ: يَاَيُّهَا الرَّسُوْلُ [اي پيغمبر!.]

۶۲- نَبِيٌّ: يَاَيُّهَا النَّبِيُّ [اي نبي!]

۶۳- حَبِيْبٌ: مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى [توکي تنهنجي رب نہ ڇڏيو آهي ءِ نہ ناراض ٿيو آهي.]

۶۴- شَهِيْدٌ: وَجِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيْدًا [ءِ توکي انهن تي گواه ڪري آڻيندا سون.]

۶۵- عَزِيْزٌ: عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ [جيڪا شيءِ توهان کي تڪليف ڏئي ٿي اها

www.maktabah.org

ان تي ذڪي آهي.]

٦٦- حَرِيْصٌ : حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ [توهان جي پلائيءَ لاءِ حريص آهي.]

٦٧- كَرِيْمٌ : اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ [بيشڪ اهو هڪ معزز رسول جو قول آهي.]

٦٨- اَمِيْنٌ: رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ [هڪ امانتدار رسول آهي.]

٦٩- لِيْنٌ: لِنْتَ لَهُمْ [تون انهن جي لاءِ نرم دل آهين.]

٧٠- مَبْعُوْثٌ: بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا [الله تعالي موڪليو اٽ پڙهيلن ۾ هڪ رسول ڪي.]

٧١- مَعْصُوْمٌ : وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ [ءِ الله توکي بچائيندو.]

٧٢- مَحْفُوْظٌ : يَحْفَظُوْنَهٗ مِنْ اَمْرِاللّٰهِ [ان جي حفاظت ڪندا آهن، الله جي حڪم سان.]

٧٣- مَرْفُوْعٌ: وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ [ءِ بلند ڪيو اسان تنهنجو ذڪر.]

٧٤- مَنْصُوْرٌ : وَيَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا [ءِ الله توکي زبردست مدد عطا فرمائيندو.]

٧٥- مَغْفُوْرٌ: لِيَغْفِرَ اللّٰهُ لَكَ [تان تہ الله توکي معاف ڪري.]

٧٦- مَاْمُوْرٌ: فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ [پوءِ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي، تيئن الله جي حڪم تي قائم رهہ.]

٧٧- نُوْرٌ : قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ [بيشڪ توهان وٽ الله جو نور اچي چڪو آهي.]

٧٨- بُرْهَانٌ : لَقَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ [بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان هڪ دليل اچي چڪو آهي.]

٧٩- حَقٌّ: قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ [اي انسانو! توهان جي رب جي طرفان توهان وٽ رسول حق سان اچي چڪو آهي.]

٨٠- دَلِيْلٌ : قَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ [بيشڪ توهان جي رب وٽان توهان وٽ پڌرو دليل اچي چڪو آهي.]

www.maktabah.org

٨١- هُدًى : اِذْجَآءَهُمُ الْهُدٰى [جڏهن انهن وٽ هدايت آئي.]

٨٢- رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ: وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ [۽ اسان توهان کي سمورن جهانن لاءِ رسول بنايو آهي.]

٨٣- نِعْمَةٌ: يَعْرِفُوْنَ نِعْمَةَ اللّٰهِ [الله جي نعمت کي سڃاڻن ٿا.]

٨٤- مُسْرِىٌ : سُبْحٰنَ الَّذِىْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا [پاڪ آهي اهو الله، جيڪو پنهنجي بانهي کي راتورات معراج تي وٺي ويو.]

٨٥- فَجْر: وَالْفَجْرِ [۽ قسم آهي صبح جو.]

٨٦- ضُحٰى: وَالضُّحٰى [۽ قسم آهي نيرن جي وقت جو.]

٨٧- ظِلٌّ : كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ [ڪيئن پاڇي کي پکيڙيو اٿس.]

٨٨- طٰهٰ: طٰهٰ مَآ اَنْزَلْنَا [طٰهٰ. نازل ڪيو اسان.]

٨٩- شَمْسٌ: وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا [قسم آهي سج ۽ نيرن جي وقت جو.]

٩٠- عَبْدُاللّٰهِ: قَامَ عَبْدُاللّٰهِ [جڏهن الله جو بانهو اٿيو.]

٩١- يٰسٓ: يٰسٓ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ [ياسين ۽ حڪمت واري قرآن جو قسم.]

٩٢- حَدِيْثٌ: نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ [نازل ڪيائين بهترين ڳالهه.]

٩٣- شَهِيْدٌ: وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا [الله گواه ڪافي آهي.]

٩٤- مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ: مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ [محمد الله جو رسول آهي.]

٩٥- خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ: وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ [پر پاڻ الله جا رسول ۽ نبين جي مهر آهن.]

٩٦-٩٧- رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ: بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ [ايمان وارن لاءِ مهربان، رحم ڪندڙ آهي.]

٩٨-٩٩-١٠٠- تَآئِبٌ، عَابِدٌ، حَامِدٌ: اَلتَّآئِبُوْنَ الْعَابِدُوْنَ الْحَامِدُوْنَ [توبه ڪرڻ وارا، الله جي عبادت ڪرڻ وارا، سندس ساراه ڪرڻ وارا.]

سيد المرسلين ﷺ جن جي مبارڪ نالن جو مجموعي بيان

محمد، احمد، حامد، محمود، خاتم، حاشر، ماح، سراج، نذير، بشير،

www.maktabah.org

رسول، نبي، هادي، مهتدي، مهدي، خليل، ولي، نصير، طه، ياسين، فرقان، مزمل، مدثر، حبيب، كليم، مصطفيٰ، مجتبيٰ، مرتضيٰ، مختار، مصدق، قائم، حجت، بيان، حافظ، شاهد، شهيد، عادل، حليم، نور مبين، برهان، مطيع، مذكر، امين، واعظ، صاحب، ناطق، صادق، مكي، مدني، عربي، ابطحي، حجازي، هاشمي، قرشي، مضري، عزيز، حريص، رؤف، رحيم، جواد، غني، كريم عليم، طبيب، مطيب، فصيح، رشيد، طاهر، مطهر، امام، امي، متقي، بار، شفيع، متوسط، سابق، مقتصد، حق، متين، اول، آخر، ظاهر، باطن، رحمت، شافع، مشفع، محلل، محرم، آمر، حق، ناهي، حڪيم، اولي عبدالله، مبلغ.

انهن مان اڪثر نالا قرآن مجيد ۾ آهن. ڇيو وڃي ٿو ته سرياني ٻوليءَ ۾ پاڻ سڳورن جو نالو "المنجمني" ۽ روميءَ ۾ "فارقليط"، توارت ۾ طالب ۽ طاب، انجيل ۾ ميل، زبور ۾ فارقليط، اڳين آسماني صحيفن ۾ "ملي" آسمان ۾ احمد، زمين ۾ محمد، زمين جي هيٺئين طبقي ۾ محمود، جنت ۾ قاسم، دوزخ وٽ پڪاريندڙ ملائڪن ۾ عبدالغياث، جنن وٽ عبدالجبار، پکين وٽ عبدالغفار، درندن وٽ عبدالرزاق، سدرة المنتهيٰ وٽ عبدالله، عرش وٽ عبدالرحيم، پلصراط وٽ عبدالقدير، شمس الانبياءِ والمرسلين، سيد الثقلين، الطاهرين، سراج العابدين، شفيع المذنبين، سيد الآڏمين، رسول رب العالمين، محمد حبيب الله، محمد عزيز الله، محمد ولي الله، محمد حجة الله، محمد ڪرامة الله، محمد شفاعت الله، محمد ذاڪر الله، محمد عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبدالمناف آهي.

پاڻ سڳورا حضرت آدم جي اولاد مان آهن. سندس ڏاڏو اسماعيل ۽ پڙڏاڏو ابراهيم عليهما السلام آهي. سندن نور چند آهي. حجاز جو رهندڙ آهي، سندن دل رحماني، ۽ سندن جسم علوي، اولي آهي. اسان لاءِ الله ڪافي شافي ۽ بهترين ڪارساز آهي. بهترين مولي ۽ بهترين مددگار آهي. اي الله! اسان کي سندن ديدار نصيب ڪر ۽ سندن شفاعت ڪان محروم نه ڪر. اي الله! محمد، آل محمد، سيني اصحابن سڳورن تي رحمت نازل فرماءِ. اي الله! ابوبڪر صديق، عمر فاروق، عثمان غني، علي بن ابي طالب، سعد ۽ سعيد، طلحه ۽ زبير، عبدالرحمن بن عوف، ابو عبيده بن جراح، انهن ڏهن اصحابن، جن کي دنيا ۾ جنت جي خوشخبري ڏني

www.maktabah.org